
مُرڪن مالهائُون
(شاعري)
پارُومل اَمراڻي سُوٽهڙ
نيئن پبليڪيشن، مٺي
4
-تاج جويو
-انور ابڙو
-حفيظ ڪنڀر
-ادل سولنگي

# مُرڪن مالهائُون

پارُو مل اَمراڻِي سُوٿهڙ

**نينهن پبليڪيشن**
مٺي، ضلعو ٿرپارڪر، سنڌ.

2012

نِينهُن ـ 04

حق ۽ واسطا اِداري وٽ هٿِيڪا

ڪتاب جو نالو: مُرڪن مالهائُون
موضوع: شاعِري
شاعر: ڀارُو مل اَمراڻِي سُوٿُهڙ
ڇاپو: پهريون
سال: (جنوري) 2012ع
ڳاڻيٽو: پنج سؤ
ڪمپوزنگ: تِيرٿ راٺوڙ
ٽائيٽل: نعِيم ديسوالِي
ڪئليگرافي: ڪپتان ابڙو
ڇپائيندڙ: دليپ ڪوٺاري
نِينهن پبليڪيشن، مِٺي ضلعو ٿرپارڪر، سنڌ
موبائيل نمبر: 0333-2664399
ڇپيندڙ: انٽيل ڪميُونيڪيشنز، حيدرآباد.
فون: 022-2721172

مُليهہ: 180روپيا

**MURKAN-A-MALAHOON**

**[Poetry]**

*By* ***Bharu Mal Amrani Suthar***

Edition: First

Year: (January) 2012

Title: Copies: 500

Composing: Teerath Rathore

Title Designing: Naeem Deswali

Caligraphy: Kaptan Abro

Published by: Dilip Kothari,

Neenh Publication, Mithi.

Cell: 0333-2664399

Printed at: Intel Communications,
Hyderchowk, Hyderabad.
Tel: 022-2721172

Price: Rs. 180-00

اَرپنا

مِٺيءَ ماتا ۽ مُحبت کي

**هُن جُون مُرڪُون جڻ مالهائُون،**
**پيو ٽو پايان هر هر آئُون.**

**ٽُنهنجون شَل مان ميڙيان**
**مُرڪون مالهائون**
**جِيونَ جِي جهولِيءَ ۾.**

**ٿَهڪ ڦُلن جُون ٽارِيُون،**
**مُرڪُون مالهائُون،**
**آئُون ڪاٽي ڳوليان..!**

## پبلشر پاران

# نِينهن اُجلِ

نِينهُن پبليڪيشن مِنيءَ جِي چوٿِين اِشاعِتي اُجلِ جِي صُورت ۾: سِنڌ جي نوجوان نسل جي خوبصورت ۽ اُتساهيندڙ شاعر پارُو مل اَمراڻِي سُوتهڙ جِي شاعِريءَ جو پهريُون مجمُوعو **"مُرڪن مالهائُون"** اوهان جي نظر آهي.

سنڌ جِي سِرجڻهار پُونءِ تي پارُو جهڙي سادي ۽ ڳُوڙهي تخلِيقڪار وِجُود ڪي بہ پنهنجو هڪ واسُ آهي، جيڪو مُحبت جي مُتلاشِي دلين ڪي ئِي راسُ اچي سگهي ٿو. اِهو بَجا تہ پارُوءَ سان مُنهنجو نِينهُن جو ناتو آهي پر سندس شاعِريءَ جي هن ڪتاب جي پَڌرائِيءَ پويان مُنهنجو تعلقاتِي جَذبو پنهنجِي جاءِ تي؛ پر سندس شاعراڻہ سگهہ ڪي مَجتا ڏيارڻ وارِي حسرت وڌِيڪ ڪارفرما آهي.

پارُو جتي برصغير جي عظيم ڪلاسِيڪي ورثي مان اُتساهہ ورتو آهي، اُتي شاعِريءَ جي پَنڌ ۾ هن وٽ پنهنجا موضُوع ۽ مِسئلا، پنهنجا آدرش ۽ اَلميا، پنهنجا خيال ۽ نظريا، پنهنجا وِيچار ۽ واهڻ ۽ پنهنجو سگهارو ۽ اَثرائتو اَسلُوب ۽ اِظهار آهي.

شاعِريءَ جي سفر ۾ پارُو جتي سائِينداد ساند جي شعرن مان اَڻ- مَيو اُتساهہ ورتو آهي، اُتي هن ڪي سِنڌ جي مهان ڪوِي شيخ اياز جي ذات- خزاني مان پڻ معنيٰ جا موتِي پلئِ پيا آهن، آئُون پارُو جي واين، گِيتن ۽ بيتن ڪي هن جو پنهنجو نِجو پِجو اِظهار چوندس. جڏهن تہ هن جي غزلن ۾ سائِينداد ساند جي غزلن جو رنگ ۽ ڇاپ جابَجا محسُوس ٿيندِي. جڏهن تہ هن جا نثرِي نظم هن جي پنهنجي مُطالعي، مُشاهدي ۽

شعُوري ڪوشش جي ساکِ ڏِينَ ٿا، جنهن ۾ هن نه رُڳو اياز جي اُتساهِڪ ڪِردارن، موضُوعن ۽ ماڳن ڪي ٻيهر ڪتب آڻي اڳتي وڌايو آهي پر پنهنجي خِطي جي مقامِي پس منظر سان هم آهنگ ڪري هن اهڙا ڪيترائِي نظم نئين سِر تخليق ڪرڻ جِي ڪوشش پڻ ڪئِي آهي. هر سچي شاعر وانگر پارُو پڻ آفاقي قدرن ۽ روشن فِڪر جو ترجمان شاعر آهي.

پارُو ڪي راجا ڀَرترِي هرِي وانگر پنهنجِي سَدا سَياڳِي ۽ وِشال ڀوُنءِ آهي، وِدياپَتِي وانگر پنهنجو وَڻُ ۽ ويس آهي، ٽِئگور وانگر هِيءُ به ڪڏهن اَڪيلائيءَ جي ٽِياس تي ٽنگِيو آهي ۽ لطِيف فنن سان لَنئُون لاتِي آهي، چندِي داس جيان هن جي چڪور چاهه وٽ پنهنجو چندُ به آهي، مَنڊُ به آهي ۽ سَندو نندو ڪندو به آهي، روِي داس وانگر هن جي رُوح ۾ به ڪا راڻِي وسي ٿي، مِيران مِثل هن به دَرس لاءِ تياڳ کي ترجِيح ڏني آهي، ته ڪوِي بانڪِيداس وانگر هن جو بانورو مَنُ سُونهن کي سَجدا پڻ ڪري ٿو. اُن ڪري پارُوءَ جي شاعِريءَ ۾ پانتِ پانتِ جا رَنگ ۽ رُوپ آهن.

دِل ۾ اِها آس آهي ته سنڌ جو ادبِي حلقو پارُو جي هن (سال 2011ع جي آخرِي شام) ٿ جو وکر سمجهڻ بدران: ڏات جو ڏيڻ سمجهي ٿِي ۾ ٻيون ڏي ته جيئن هن جي اُتساهه جِي زمين سَدا سائي رهي.

دليپ ڪوٺارِي

چيئرمين

نِينهُن پبلِيڪيشن، مِٺي،

ضلعو ٿرپارڪر، سنڌ

Cell# 0333-2664399

## مهاڳ

### مور نچيو گهنگهور گهٽائون!

پارو امراڻي، ٿر جو اهو ذهين ۽ تخليقي نوجوان آهي، جنهن تحقيق سان گڏ شاعريءَ جي ميدان ۾ ٿوري عرصي اندر پاڻ کي مڃائي ورتو آهي. هن نوجوان کي ٿر، پارڪر، گجرات ۽ راجستان جي نثري توڙي ڪوتائي ادب جو وسيع مطالعو آهي. هو ڍٽ ۽ پارڪر جي دوهن ۽ گيتن جو مٺهيار آهي. هن جڏهن پنهنجي پهرئين ڪتاب 'گيت سانوڻ جا، مَن ڀانوڻ جا!' ۾، ٿر جي ڪنواري ڌرتيءَ مان ڦُٽي نڪتل گيتَ ڇپايا هئا تہ ائين محسوس ٿيو هو تہ ڊاڪٽر بلوچ، رائچند راٺوڙ، منگهارام اوجها، ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي، ڊاڪٽر پَرسي گدواڻي ۽ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنڌيلي کان پوءِ هن نوجوان لوڪ گيتن تي ڀرپور ذهني سگهہ سان لکيو آهي. مون سندس هن ڪتاب تي تبصرو ڪندي لکيو هو تہ، پارو امراڻي هي ڪتاب لکي، نامور محقق هيري نڪر جي تحقيق 'قاضي قادن جو ڪلام' وانگر پاڻ کي مڃايو آهي. پاروءَ هن ننڍڙي ڪتاب کان سواءِ ٿر جي لوڪ گيتن تي 'ڇَتر ڀولِي چارڻان' نالي هڪ ٻيو ڪتاب بہ لکي ورتو آهي. ان کان سواءِ هُن بانڪيداس جي 'همروٽ ڇتيسيءَ' تي جيڪو ڪم ڪيو آهي، اُهو واقعي ئي قابل داد آهي ۽ جيئن هيري نڪر، قاضي قادن جو ڪلام ڳولي، سنڌ جي ادبي تاريخ کي هڪ نئون موڙ ڏئي ڇڏيو هو. اهڙيءَ ريت پارُو امراڻيءَ، بانڪيداس جا دوها منظرعام تي آڻي، ساڳي ئي معيار جو ڪم ڪيو آهي. سندس اُها تحقيق جڏهن ڇپجي منظرعام تي ايندي، تہ آءٌ سمجهان ٿو تہ هن

نوجوان جو ادبي قد ڪاٺ ڪيترن تخليقڪارن ۽ محققن لاءِ رشڪ جو ڪارڻ بڻبو!

’مُرڪن- مالهائُون‘ پارُو امراڻيءَ جي خوبصورت شاعريءَ جو پهريون مجموعو آهي. جيتوڻيڪ منهنجي اِها راءِ هُئي تہ هن ڪي شاعري ڇپائڻ ڪان اڳ پنهنجا ٻئي اڻ ڇپيل ڪتابڙا: ’چتر ٻولي چارڻان‘ ۽ بانڪيداس جي ’همروث ڇتيسي‘ ڇپائڻ گهُرجن ها، پر اسان جي پياري دوست، دليپ ڪوٺاريءَ شايد ٿر جي نوجوان شاعرن ڪي ادبي دنيا سان متعارف ڪرائڻ ڪي پنهنجو فرض منصبي ڪري سمجهيو آهي، جنهن سائينداد ساند جي شاعريءَ جو پهريون مجموعو ’ڳوڙهن ڳالهايو‘ ڇپائي، اسان جي هن خوبصورت شاعر ڪي گوشي نشينيءَ ۽ اُداسائيءَ جي ديارَ مان ڇڪي ٻاهر آندو هو- ۽ پوءِ دُنيا ڏٺو تہ سائينداد جي ذات، چنڊ وانگر چمڪي پئي ۽ هُن جي شاعريءَ جا هڪٻئي پٺيان ٻہ ٻيا مجموعا بہ ڇپجي پنهنجي مقبوليت ماڻي چُڪا آهن. دليپ جڏهن ڏٺو تہ پارو امراڻي پنهنجي تحقيقي ڪم ۽ اين. جي. اوز جي سرگرمين ۾ ايڏو محو ٿي ويو آهي، جو هُو پنهنجي شاعريءَ ڪي ذري گهٽ وِسارڻ وارو آهي — تہ هن جي مَن ۾ هڪ ڀيرو وري اُها آشا ڪَر ڪڍي جاڳي پئي تہ، سائينداد ساند وانگر پاروءَ ڪي بہ ڪوِتا نگر جي هڪ خوبصورت ڪويءَ جي روپ ۾ سنڌ آڏو پيش ڪجي. پارو امراڻي، دليپ جهڙي دِلي دوست آڏو هٿيار ڦِٽا ڪري ڇڏيا ۽ هُن پنهنجي ٽِڙيل پکڙيل شاعري، سندس هٿن ۾ ڏئي ڇڏي ۽ دليپ ڪوٺاريءَ، اُن ڪي جڏهن سهيڙي ورتو تہ اُها ’مُرڪن- مالهائون‘ بنجي پئي ۽ اڄ سنڌ واسين جي هٿن ۾ اشاعت جي زيور سان سنوارجي ۽ سينگارجي پيش ٿي رهي آهي.

پاروءَ جو من، ٿر جي پياسي ڌرتيءَ جو ترجمان آهي. هُن ٽاڙو بنجي هِن ڏُکن پريءَ ڌرتيءَ تي وِرهه جا وسڪارا آڻڻ لاءِ تنوارُون ڪيون آهن. سندس شاعريءَ جو مُطالعو ڪجي ٿو ته اُن ۾ اسان کي ٿر جو ڪَرب، ٿر جي فطرِي حُسناڪي، ٿر جي تهذيب ۽ تمدن، ٿر جي تاريخ ۽ سُورهيائيءَ جي ڪَٿا هڪ طرف مِلي ٿي ته سندس سماجي ۽ عالمي شعور جا عڪس ۽ اولڙا ٻئي طرف ملن ٿا. جتي هُن جا غزل، وايون ۽ گِيت، سندس رُوح جا وِرلاپ ۽ نِينهن جا آلاپ لڳن ٿا، اُتي سندس نظم اسان کي شيخ اياز جي گُلاب- واسيُن واٽ تي هلندي، عالمي ساڃاهه جو اهڙو پَندار محسوس ٿين ٿا، جن کي پڙهي، سنڌ محسوس ڪري سگهي ٿي ته ٿر جي سرزمين پلي سياسي قيادتن جي ٻي ڏيانيءَ جو شڪار هجي، پر ٿر جو نوجوان ذهن، باوجود غُربت ۽ ڪٺن زندگيءَ جي، ايڏو زرخيز آهي، جو اُن جي ڪَلا جي جِلا، سونَ- ورن سنڌ جي سِينڌ ۾ سِتارا سجائي سگهي ٿو. واقعي پاروءَ جي شاعريءَ ۾ جتي اسان کي ٻوليءَ جو حُسن ملي ٿو، اُتي احساسن جي حُسناڪي به ڪمال جي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. پارُو امراڻي هڪ حساس دِل نوجوان آهي، جيڪو پنهنجي پيار جي پاڪيزگي ۽ پيڙائن کي ته بيان ڪري ٿو، پر گڏوگڏ قومي شعور ۽ عالمي ساڃاهه سان پڻ پنهنجا ناتا رشتا قائم رکي ٿو. هي جتي ٿر جي ڏُکي زندگيءَ جا عڪس چِٽي ٿو، اُتي سڄيءَ سنڌ جي قومي شعور سان سلهاڙجي مستقبل جي هر استحصال کان آجي سنڌ جا سپنا به ڏسي ٿو. هو عالمي امن، اتحاد، آزادي ۽ ترقيءَ جو حامي آهي. سندس شاعريءَ تي سنڌ جي مهان ڪوي شيخ اياز جو اثر ته آهي، پر هُن پنهنجي منفرد اسلوب ۽ ڊڪشن طرف به وِک وڌائي آهي، جيڪا ڳالهه اڳتي هلي ڪيس سنڌي شاعريءَ جي ڪيتر ۾ مانائتو مقام مهيا ڪندي.

هي غمن جو ٽيو آ منا رد عمل،
وقت کان اڳ اسان جي ڇٽي زندگي.
--
گل اوهان جي حسن جا ملڻ سان مِٽِي!
ذات جي پوپٽن کي وٽِي زندگي.
--
رات سويرن جي ساک کٽي،
ڏيئن وانگر ٻريا آهيون.
--
سچ چوڻ لاءِ آ هڪ گهڙي ٻه وڏي،
ڇا ٽيو جي ملي هڪ کٽي زندگي.
--
منهنجي لاءِ عدن آ هي ٽر،
مور نچيو گهنگهور گهٽائون!
--
ڪرڻو ناهي ڪڏهين، پاپيءَ سان پَرچاءُ،
ڏاريندا سين ڏاڍ کي!
ڦهليو آهي فڪر جو چؤنئرن منجهه چِٽاءُ،
ڏاريندا سين ڏاڍ کي!
ڪنڌ سدا ڪونيٺ جيان مٿي رهندو ماءُ،
ڏاريندا سين ڏاڍ کي!

هنن چند مثالن مان ياروءَ جي شاعريءَ جو جوڀن پَرکي سگهجي ٿو. منهنجون دعائون ۽ نيڪ تمنائون ساڻس گڏ آهن. شال! هُو پنهنجي تخليقي سگهه سان سنڌ جي سينڌ سنوارڻ ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪري.

2011ع جو آخري ڏينهن

تاج جويو

شاعر پاران

مُون کي خبر نہ آهي تہ منهنجي هي شاعري فني ۽ فڪري طور تي ڪيتري سگهہ رکي ٿي، آئون انهيءَ حوالي سان ڪابہ دعويٰ نہ ڪري رهيو آهيان، آئون نہ ڄمندي ڄام آهيان، نہ وري پوءِ ٿيو آهيان، فقير ٿَن ۽ مَن وارو ماڻهو آهيان، شاعري جي رُوپ ۾ هيءَ منهنجي اَندر جا اُلڪا آهن، تن جي تشنگِي آهي، من جا ويچار آهن، جيڪي مون عالمِ انسانيت جي لاءِ پورهئي ۽ پيار جي پنڌ ۾ پِرايا آهن.

ڏات جي ڏيهہ ۾ رهندي مون محسوس ڪيو آهي تہ آئون خيالن جي ڪُروڪيتر ۾ پنهنجو گهوڙو ڊوڙائي رهيو آهيان، منهنجي هڪ هٿ ۾ تلوار ۽ ٻي هٿ ۾ گُل آهن، منهنجو گهوڙو ڊوڙي رهيو آهي، آئون فيصلو نہ پيو ڪري سگهان تہ مونکي تلوار هلائڻي آهي، يا گُلن جي خُوشبوءِ ڦهلائڻي آهي، پر جڏهن ڪو مُحبت جو جنون ٻڻجي اکين ۾ لهي ايندو آهي، چنڊ جي چانڊاڻ ۽ تارن جي ٽم ٽم ۾ ساري ڪائنات هُن جي حُسن جو عڪس لڳندي آهي، وَصل هجي يا وڇوڙو: پيار من ۾ ڏنڏلو ٽيڻ جي بدران چِٽُ ۾ موتين هار وانگر چمڪندو آهي، تڏهن آئون تلوار کي مياڻ ۾ رکي گُلن جو واس وکيرڻ شروع ڪندو آهيان، مُرڪن جُون مالهائُون ميڙيندو آهيان، منهنجي جيون جِي ڪُل ڪمائي مُحبتن جا گُل ۽ مُرڪن جون مالهائُون آهن. ڪتاب، قُرب، ڪامڻي ۽ فِطرت جا رنگ منهنجي اُتساهہ جو اهم ذريعو آهن، مون انهن مان اُتساهہ وٺي لکيو آهي، شال! آئون پنهنجي پيار کي ٿر جي پٿن ۾ ايئن پائي سگهان، جيئن ڪوي ٽئگور پنهنجي پيارِيءَ کي پَدما نديءَ جي ڪناري تي پاتو هو، پيار منهنجي حياتي ۾ خوشبُوءِ کڻي آيو آهي، پيار جي سُونهن جا سوين گُل آهن، جيڪي آئون پنهنجي شاعريءَ ۾ پُورِي رِيت آڻي نہ سگهيو آهيان،

پيار منهنجي اکڙين کي اوجاڳن جو رشتو جوڙي ڏنو آهي ، منهنجي رُوح کي تنهائيءَ سان رهاڻ ڪرڻ جو رستو ڏيکاريو آهي، پنهنجي پيار جي لاءِ جيءُ کي جلائڻ، لوچڻ ۽ لهڻ دوران مون عالمِ انسانيت کي پنهنجي وجُود ۾ پانيو آهي، ڌرتيءَ جا سَمُورا آدرش منهنجي دل جي دَستُو ر ۾ سمايا آهن، منهنجي لَهُو ۾ هڪ لهر پيدا ٿي آهي، جنهن سان تخليقِي قُوت کي توانائي ملي آهي، پيار جي پابندگيءَ ۾ روز نوان نوان اُمنگ اُپريا آهن، مِجاز جي ٿڌي ٿڌي چاندوڪي ۾ سورٺ-ديس جي چارڻ وانگر چاهتن جا چَنگُ چورڻ جو هُنر هٿ چڙهيو آهي.

مون1997- 1998ع ڌاري ڪَچو ڦِڪو لکڻ شِرُوع ڪيو ۽ منهنجِي پهرين تخلِيق شاعِري هئي.پر شايع هڪ ترجمُو ٿيل ڪهاڻي ٿي هُئِي، 1999ع ڌاري مُختلف سنڌِي اخبارن لاءِ ڪم ڪرڻ سان گڏ، آئُون صحافت جي بيڙِي ۾ سوار ٿي ويس، مُختلف سنڌي اخبارن ۾ ضلعي رپورٽر ڪان صحافت جِي شروعات ڪري؛ حيدرآباد ۾ سب ايڊيٽري جا 2 سال ڪاٽڻ ڪان پوءِ؛ واپس منهنجي اَباڻي ضلعي مان پياري دوست اِلياس ٽرِي سان گڏجي هفتيوار اخبار’ٽر نيوز‘ ۽ دلبردوست نندلال لوهاڻي سان گڏجي ’ٽر مئگزين‘ جاري ڪيو، 2005ع تائين انهي سلسلي سان واڳيل رهيس، جيون جي سفر ۾ اوچتو مون ڪان ڪَوِتا ديوِي رسي وئي،مُون بہ گهٽ ڪو نہ ڪيو، پنهنجي من سان ٺيندڙ اَلمين جي فراريت پنهنجي شاعريءَ جي دِائري کي ٽوڙڻ ۽ ساڙڻ ۾ ڳولي، ايئن پنهنجن هٿن سان پنهنجي شاعري خاڪ ڪري خوش ٿيندو رهيس، اهڙين حالتن ۾ مَنُ جو جنون مانو نہ ٿيو، ترجي لوڪ ادب مون کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ورتو، پوءِ پنهنجي عشق جون سموريون رمزون

سُگهڙن سياڻن جي گُجهارتن، هيمارين، بيتن، ڏوهيڙن، گيتن، دوهن ۾ ڳولڻ لڳس،اتان جيڪا به هڙ حاصل ٿيندي هئي، اها گهٽي ۾ گهٽِي پياري دوست دليپ ڪوناڙي، سائين تاج جويي ۽ سائين ولي رام ولڀ وٽ ڪوليندو رهيس، دليپ انهيءَ رنگ ۾ به رُوح سان ناتو نڀايو، هن 2004ع ۾ ٿرجي لوڪ شاعريءَ تي سهيڙيل منهنجي ننڍڙي ڪتاب ’گيت سانوڻ من ڀانوڻ جا...!‘ پنهنجي اِشائتِي اِداري نِينهن پبلِيڪيشن پاران ڇپرايو، انهيءَ ڪان سواءِ ’هَمروٽ چِتِيسي‘، چِترُ ٻولِي چارٽان‘ سميت منهنجي مُختلف ڪتابڙن ۽ لوڪ اَدب ۽ ماحولِيات تي لِکيل مضمُونن ۾ هر ويلي سُونهون ٿيو. سائين تاج ۽ سائين ولي رام ولڀ به وقتن به وقتن وڏو اُتساهه ڏنو.

ورِي جڏهن ڏات جا ڏِيئا من جي ڏهر ۾ ٻرڻ لڳا، سانوڻ گهاٽن مِينهنَ ۾ ڪنهن جي نيٽن نظم ڏنا، غزلن ۽ گِيتن جا گهاٽ گهڙاٽا، بيت ۽ وائِي جُون واٽُون روشن ٿيون، تڏهن پڻ هن شخص ساٿ ڏنو ، مون ڪڏهن به پنهنجو نظم هجي يا نثر ميڙي نه رکيو آهي، بس لکندو رهيو آهيان، جيڪڏهن ڪا تخليق ڪنهن دوست جي حوالي ٿي ته پوءِ محفُوظ ٿي نه ته ويئي واءُ ۾ وِکرِي ...! ڇپيل ليک ڪي به سَنڀالڻ جو به ڪم هن فقير ڪان نه ٿي سگهيو آهي، هي منهنجي شاعري ميڙڻ ۽ ڪِتابِي شَڪل ڏيڻ ۾ به مُنهنجي دوستن جو ڪردار آهي، آئُون اُنهن جا ٿورا ڪيئن ٿو لاهي سگهان، اهي نه صرف مون جهڙي فقير مزاج ماڻهوءَ سان مُحبت ڪن ٿا پر منهنجي تخليقن ڪي جيءُ ۾ جايُون ڏين ٿا، مون ڪان منهنجي شاعري جو ڪافي حصو گُم ٿيو آهي، هاڻي مون ڪي انهي جو وڏو احساس ٿئي ٿو، مون فراريت جو عجيب ڍنگ ڇو اختيار ڪيو!؟ خبر ناهي اهو احساس مون

وٽ ڪيستائين رهندو !! ڇا وري بہ آئون ساڳي مزاج ۾ هليو ويندس...!؟

منهنجي پيرن پنهنجي پيار جي لاءِ جستجُو سان گڏ وڻن ٻُوٽن، مورن، هرڻن، جهنگلِي سهن سميت حياتياتِي انيڪتا جي بَچاءِ جي لاءِ بہ پنڌ ڪيو آهي، منهنجي تڙپ ۽ تمنا ۾ فطرت جي ڦلواڙِيءَ سان گڏ سماجِي اڪيلائپ جو شڪار ڌرتيءَ جا اصلوڪا لوڪ بہ رهيا آهن، مُون اِنهن کي سماجِي مانُ مَرتبي سان ترقيءَ جِي ڌارا ۾ شامل ڪرڻ جي لاءِ بہ عملِي طور جاکوڙيو آهي، انهيءَ ڪري اِهي سڀ مُنهنجي شاعريءَ جو موضُوع آهن ، مُون کي منهنجي شاعري جي هر ڪِردار سان مُحبت آهي، مون جنهن تي بہ هڪڙي سِٽ لکي آهي هُو اُن کي دل جي خاني ۾ سنڀالي رکيو آهي، هر لفظ جو پنهنجو تقدس آهي، مون قول ۽ فعل ۾ ڪڏهن تضاد نہ رکيو آهي، نہ وري اهڙا ماڻهو وڻندا آهن، جيڪي قول ۽ فعل ۾ تضاد رکندا هجن يا مُنافقِي جو عڪس هُجن، سماج جي مُختلف پهلوئن کي پرکي پوءِ پير کڻڻ مُون کي پنهنجي وڏڙن کان ورثي ۾ مليو آهي، آئون لوڪ جي روين، الميِن ۽ تلخين کي انسان جي ارتقائي عمل جي روشنيءَ ۾ ڏسندو آهيان، مون من جي مُحبت ۽ پنهنجي ديس جي لوڪ ڪردارن سان گڏ پُوري عالم جي عظيم انسانن جي پورهئي سان پاڻ کي جوڙي رکيو آهي، ڪنهن ٽاڻي منهنجو من ڪارُونجهر جي گس گهيڙن ۾ هوندو آهي تہ ڪنهن وقت ٽراٽسڪي ۽ آلندي منهنجي اکين اڳيان هوندا آهن،آئون پنهنجي تصور ۽ تخيل ۾ ماضي، حال ۽ مُستقبل کي مِلائي رکندو آهيان، مون کي اَلبرٽي واري اُداسي مُور نہ وڻندي آهي، هڪ شاعر، اديب ۽ ليکڪ کي ڪڏهن بہ حالتن اڳيان مايُوس نہ ٿيڻ

گهرجي، تبديلي اچڻي آهي ۽ هر وقت ايندي رهي ٿي، اسان کي انهيءَ تبديليءَ جو رنگ پنهنجي رِيت ۾ آڻڻو آهي، پنهنجن سوچن سان ملائڻو آهي. پنهنجو ماحول پاڻ پيدا ڪرڻو آهي، ڪنهن به لطيف فن ۾ ماحول سان مَصلحت آميزِي ۽ اُداسي مُنهنجي نظر ۾ عظيم ترين گُناهه آهي. هڪ شاعر، اديب ۽ ليڪڪ فن، حُسن، مُحبت ۽ سچائيءَ جو اڻٽٽ ۽ اَڏول رکوال هُوندو آهي.

مون کي جنهن به هڪ اکر سيکاريو آهي ، مون کي جنهن به هڪ پل جي لاءِ اُتساهه ڏنو آهي، آئون اُن جا لکين احسان مڃان ٿو، پروفيسر سائِينداد ساند مُنهنجو ادبِي مُحسن آهي، سائين تاج جويي سان منهنجي رشتي ۽ ويجهڙائپ جي حوالي سان منيءَ جا دوست مون کي تاج جويي جو رُوحاني پاءُ سڏيندا آهن، منهنجي لاءِ اها خوشي ۽ فخر جي ڳالهه آهي. ’ڪاوش ڏُنيا مئگزين‘، ’عوامِي آواز مئگزين‘، ’سوپ مئگزين‘ ۽ ’روزانِي عِبرت‘ جي صُفحن ۾ منهنجي شاعري نمايان نموني شاعري شايع ٿيندي رهي آهي، اَنور ابڙي ۽ ادل سولنگِيءَ سان مُنهنجِي ڪڏهن مُلاقات ڪونهي، پر انهن منهنجي شاعريءَ کي ماڻُ ڏنو ، سچ ته آئون ٻنهي مهربانن جو ٿورائتو آهيان. گڏوگڏ سائين تاج، حفِيظ ڪُنِير، پياري وجئه شرما ۽ تولارام سُوٿهڙ جو تَهدِل سان شُڪر گُذار آهيان جن منهنجي شاعِريءَ تي تفصِيلِي طور لکيو، راءِ ڏنِي يا هن ڪتاب جي اِشاعتِي ڪارِج کي تُرت سَقلو بنائڻ ۾ پَرپُور سهڪار ڪيو.

امداد سُومرو ۽ عامر سيال مُنهنجا دلبر دوست آهن، اَياز گُل، اَدل سومري، احمد سولنگِي، پياري شيواڻي، وِجئه شرما ۽ شهديو گُل گوماڻِي سميت منهنجي سوين دوستن مُون کي زندگِيءَ جي اَڻانگين راهن ۾ اُتساهه آڻت ۽ مَٽين مُحبتُون

ڏنيُون آهن. نالن جِي فهرست ڏيئِي آئُون ڪو لِيڪو ڪڍڻ بجاءِ سيِنِي ڪي دل سان ياد ڪريان ٿو ۽ سمُورن جا ٿورا بَجا آڻيان ٿو.

آئُون پنهنجي شاعريءَ جي اِها وڏي ۾ وڏِي حاصلات سمجهندس جيڪڏهن عالمِ انسانيت جي لاءِ پورهيو ڪندڙ ڪنهن ٻہ پانڌِيئڙي جي لاءِ: مُنهنجي شاعري جِي ڪابہ سِٽَ، ڪوبہ لفظ سُونهن جو سبب بڻِي يا مُنهنجي پيار جي عظيم ڪِردار پنهنجي پسند جي شين ۾ مُنهنجي ڪا تخلِيق شامل ڪئِي.

گُل اوهان جي حُسن جا ملڻ سان مٺي،
ڏات جي پوپٽن ڪي وڻِي زندگي

ڊسمبر 2011 جي آخري رات

يارو مل امراڻي سوٿهڙ

چيلهار، ضلعو ٿرپارڪر

Cell# 0333-2504520

## ٽر جي وارياسي ۾ پياسي سمنڊ جو شاعر

شايد اِهو سال 2010ع جو ڪو ڏينهن هيو، جڏهن مون معمول مطابق ’ڪاوش دُنيا‘ جي آفيس ۾ نئين پرچي لاءِ شاعر دوستن جي موڪليل شاعري ڏسڻ شروع ڪئي، ۽ جڏهن هڪ پَني تي پهتس ته منهنجا هٿ ۽ اکيون پنڊ پهڻ ٿي ويا. نه اڳتي منهنجا هٿ چريا، نه ڪاڳر تان اکيون هٽيون، ۽ نه ذهن ڪو ٻيو ڪجهه سوچيو. هڪ ”بنا ڇهري واري شاعر“ جي شاعريءَ مون ڪان ڇرڪ ڪڍي ڇڏيو. خيال، ٻولي، تشبيهون ۽ حوالا، پڙهي، مون کي اياز ياد آيو. باوجود اِن جي، ته اسان جا ڪجهه دوست چوندا آهن ته، ’ڪنهن هڪ شاعر کي ٻئي شاعر سان نه ييٽڻ گهرجي،‘ پر ڇا ڪجي، جيڪڏهن اسان وٽ اڳ ۾ ڪو طاقتور شاعر موجود رهيو هجي، ۽ اُن جي ڪوٺ محسوس ٿيندي هجي، ته اهڙي دور ۾، جيڪڏهن ڪو ٻيو شاعر اِيري اچي ٿو، ته اسان ته چونداسين نه، ته جتي شيخ اياز قلم رکيو هو، اُتان هڪ ٻئي نوجوان شاعر اهو کنيو آهي. اِهو نظم، جيڪو مون پڙهيو هو، شايد هيءُ ”هڪڙو آلندي به جنم وٺندو آهي“ هيو:

هر دور جو آمر!<br>
هرديس جو آمر!<br>
چلي جي صدر آگسٽو پَنوشِي،<br>
وانگر سوچي ٿو،<br>
”هن ديس ۾ هڪڙو پن به اهڙو نه آهي،“

جنهن کي آئون نٿو چورِيان“
پر اهو چو وساري ٿو!
هر دور ۾
هرديس ۾،
هڪڙو آلندي ۾ جنم وٺندو آهي،
جنهن جي نہ چوڻ جي سگهہ اڳيان،
جبر جا هماليہ جهڪي پوندا آهن،
هڪ سان هزارين ملندي ملندي.
سارو ديس.
انساني هٿن جُون زنجيرُون بڻجي پوندو آهي،
۽ آمر کي پنهنجي اڪيلائيءَ ۾
ٻُڏي مرڻ جو موقعو تلاش ڪرڻو پوندو
آهي.!!

مون اِهو نظم اڪيون ٻوٽي، ۽ وڏي خوشيءَ سان شايع ڪيو. ان ڪانپوءِ اِن شاعر جا جيڪي نظم شايع ڪيا هئا، اُنهن مان ڪجهہ هي هئا: ”ٽراٽسڪي! آئون تو سان رهاڻ ڪرڻ ٿو چاهيان“، ”مايڪو وسڪي کي ميار،“ ”لورڪا تُنهنجو روحَ،“ ”هُو چاچري جي پٽ تان سُورج وانگر اُڀريو،“ ”چُمي اڌ ۾ رهجي نہ وڃي“ ۽ ”رُڳو ٻُڌو ناهي ٻوڏ ۾ گهر مُنهنجو.“ اِن شاعر جو نالو ”يارو مل امراڻي سوٽهڙ“ هيو، پر نہ مون اڳ ۾ اِن شاعر کي ڪٿي ڏٺو، ٻڌو يا پڙهيو هو، ۽ نہ وري اِن جو نالو ئي ٻڌو هو. حيرت جي ڳالهہ اِها آهي تہ، اِن جي ايڏي طاقتور شاعري پڙهڻ ڪانپوءِ بہ مون کي سندس نالو ياد نہ رهيو هيو، چاڪاڻ جو مون کي سندس نالو ڏاڍو ڏکيو ٿي لڳو، پر اِن ڪانپوءِ جڏهن بہ دوستن سان نئين سنڌي شاعريءَ بابت ڪا ڳالهہ ٻولهہ ٿي تہ، مون کي چيو تہ ”يار، اڄ جا

نوجوان ڏاڍي ڀلي شاعري ڪن، ۽ اُنهن ۾ ٽر جو ٻه هڪ نوجوان شامل آهي.“ ڪافي ڏينهن ڪانپوءِ يارو مل جڏهن فون ڪيو، ۽ ٽر جي پٽن تي اُڀري آيل بادل جهڙي لهجي ۾ ڳالهايائين، تہ مون کي محسوس ٿيو تہ هيءُ نيچرل شاعر آهي، ۽ هِن کي شهرت کان وڌيڪ پنهنجا خيال، پنهنجو پيغام پڙهندڙن تائين پهچائڻو آهي. مون کي ياد آهي تہ يارو مل جو هيءُ نظم ”ٽراٽسڪي! اَئون تو سان رهاڻ ڪرڻ ٿو چاهيان،“ ڪاوش دنيا جي ڪنهن پرچي جي، ڪنهن ڪنڊ ۾ شايع ڪيو ويو هو، پر مون کي اُن وقت تمام گهڻي حيرت ٿي، جڏهن سائين محمد ابراهيم جويو صاحب پاران نوجوان اديب محسن جويو ايس ايم ايس ڪري، ٻڌايو تہ ”سائين جويو صاحب کي اِهو نظم ڏاڍو پسند آيو آهي.“ مون کي خوشي ٿي تہ سائين جويو صاحب، جنهن ”مهراڻ“ جي ايڊيٽرشپ دوران شيخ اياز کي شايع ڪيو هو، اُهو شخص پنجاهہ سٺ سالن ڪانپوءِ صحرا مان اُڀري آيل روهيڙي جي گل جهڙي هِن شاعر جي شاعري پڙهي نہ صرف خوش ٿئي ٿو، پر پنهنجي پسنديدگيءَ جو اظهار بہ ڪري ٿو. هيءُ نوجوان شاعر، جيڪو پنهنجي پيار کي، پنهنجي هڪ وائيءَ ۾ ”پوڄا جهڙو“ چوي ٿو، اُهو مون کي الائي ڇو غزل کان وڌيڪ نظم ۽ وائيءَ جو هڪ بهترين شاعر محسوس ٿيو آهي. هِن جي لکيل هڪ وائي ”ڪجلاسَر جي ڪپ تي“ جيڪو بہ پڙهندو، اُهو يقينن سنڌي شاعريءَ جي شاندار آئيندي ۾ پنهنجي ويساهہ کي پيوند ڪندو. آخر ۾ مان بس ايترو ئي چوندس تہ هيءَ شاعري پيرَ ڪري، رات جي اونداهيءَ ۾ مَن جي پٽِ جي واريءَ تان سِرڪندي، دلين جي جاءِ ۾ لهي، پلٽ ماري اچي ويهي ٿي، ۽ چوي ٿي، ”ٻُڌو مونکي، جي اوهان ۾ حوصلو آهي.“ هيءُ نوجوان شاعر يارو مل امراڻي سوٽهڙ، ٽر

جي وارياسي ۽ پياسي سمنڊ تي پنھنجن ڇرڪائيندڙ خيالن ۽ سھڻي ٻوليءَ جي جيڪا ناوءُ ھلائي ٿو، ڇڻ تہ اِھو اڄ جي سنڌي شاعريءَ کي تاري ٿو. ھھڙي شاعريءَ تي ھر قسم جو تبصرو ڇَسو لڳي ٿو.

30 ڊسمبر 2011ع، ڪراچي

انور ابڙو

## خُوبصورت نثرِي نظمن جو تخلِيقڪار:
## پارُو مل اَمراڻِي سُوٽهڙ

پارُو مل اَمراڻِي سنڌي ادب ۾ نثرِي نظم جي حوالي سان نهايت ئي اهم نالو ۽ پُختو حوالو بڻجِي اُڀريو آهي. ٿر جي ڌرتِيءَ تي لفظن لباسن جا مينهن وسائيندڙ هِي ٽريو ڪوِي وارِياسن پِٽن تي هزارين رنگ ۽ اَڻ ڳڻيُون مُرڪُون وِکيريندي سَرهائِي محسوس ڪري ٿو. پارُو اَمراڻي جا نثرِي نظم ساوڻ جي مُند ۾ پِٽن تي وَسندڙ مينهن جي اوڙڪن ڪان پوءِ ڌرتِيءَ مان ڦُٽي نڪرندڙ سُونهن ساوڪ جي سَلن جو رُوپ سَرُوپ آهن، جنهن ۾ پاڻيارين جا پنڌ بہ آهن تہ اُجارين اکين جا لُڙڪ بہ آهن، مورن جا ٽهُوڪا، ڪارُونجهر جِي ڪور ۽ ڏهرن ۾ ٽِمڪندڙ ڏِيئا بہ آهن. روهِيڙي جي گُل ۽ ٻاجهر جي سنگ جهڙا نظم، جنهن ۾ ٻَڪرال وِڄُ جا وَراڪا ۽ هنيلِين هرڻين جا چال بہ نظر اچن ٿا.

پارُو جي شاعرِي اهڙِي شاعرِي آهي، جنهن ۾ ٽيڙُو ٿهڪ ڏين ٿا ۽ ڪَتيُون ڪَر موڙِي اُٿن ٿيون. مها ڪوي شيخ اياز چواڻي تہ، ”منهنجي شاعريءَ ڪان پوءِ سنڌ ڌرتيءَ تي جيڪا نئين شاعري سِرجندي اها ايئن هوندي جيئن ڪمند جي هڪ فصل جي واڍِيءَ ڪان پوءِ ٻيو فصل اُن منجهان ئي پاڻ مرادو ڦٽي پوي.“آلبرٽِي، لورڪا،پسترناڪ، ڊاڪٽر زواگو ۽ لارا جهڙا ڪردا ڪڍي پارُو مل امراڻي جيڪي نظم تخليق ڪيا آهن، اهي سندس ڏيهي ۽ پرڏيهي ادب جي گهري مطالعي جا ساکي آهن. ان مان اياز جي نظمن ۾ تنوار ٻُڌڻ ۾ اچي ٿي.هن سنڌ جي صدائن کي عالمي پسمنظر/ آلاپ کي پنهنجي انفرادي

ڏک،پيڙا ۽ احساس جو نئون نالو ۽ حوالو ڏنو آهي. پارُو مل امراڻي جي نظمن ۾ خيالن جي گهرائي ۽ لفظن جو سِٽاءُ پنهنجي ڀرپُور معنويت / جنونيت سان نروار ٿئي ٿو.

پارُو مل جا جيڪي به نظم هيل تائين منهنجي مُطالعي هيٺ آيا آهن، تن کي پڙهندي محسوس ٿئي ٿو ته جديد سنڌي شاعريءَ جي ’حسيت‘ کي سمجهڻ ۽ اُن جو ڀرپُور اظهار ڪرڻ جو ڏانءُ هن شاعر وٽ موجود آهي. پارُو مل امراڻِي جا نثري نظم پڙهندي ايئن محسوس ٿيو ته هي اُهي نظم آهن جيڪي شيخ اياز جي تخليقي ٻاجهه کان رهجي ويا ۽ ڌرتِيءَ ۾ پُوريل ڪنهن ٻِج وانگر ڌرتِيءَ جي تهن ۾ موجود هئاۓ هڪ نئين دور/ زماني جي تخليقي مينهن پوڻ تي پاڻمُرادو ڌرتيءَ جي سيني تي سانوڻ سَلن جي رُوپ ۾ ظاهر ٿيا آهن، جن پارُو مل امراڻيءَ کي هڪ نئين، پڪيءَ پُختي تخليقڪار جِي اَڇُوتِي سُڃاڻپ ڏني آهي. پارُو جي نظمن جي پسمنظر مان ڪارن ڪبڙن ۾ پيرُون پچندي ۽ ليارن جا وڻ ٻُورجندي نظر اچن ٿا، جن ۾ ڌرتِيءَ جِي سمُورِي سُونهن اوتيل آهي.

ادل سولنگِي

# اندر جي اُسات

يارُو جِي شاعرِي دل کي وٽندڙ ۽ موهِيندڙ شاعرِي آهي. هن جِي شاعرِيءَ ۾ خيال جو هٺ دل کي ڇُهندو آهي.يارُوءَ جا نظم مورنِ جا رنگ کٽِي هلندا آهن. هو هڪ ئِي وقت ٽر جِي لوڪ شاعرِي؛ هندِي، گُجراتِي ۽ مارواڙِي دوهن تي نظر رکندڙ اهڙو شاعر آهي، جيڪو هن کي هميشہ لوڪ سان گڏائيندو اَچي پيو. يارُو آهي تہ ٿر جو ماڻهُو پر لڳندو آهي تہ هُو تازو موئن جي دڙي مان لڏي اَچي پِٽ تي وينو آهي. هُو مُون کي موئن جي دڙي ۾ گُهمندڙ ماڻهو لڳندو آهي. هُن جِي گُفتگُو ۾ ٻاٻِيها ٻولِيندا آهن.هُن جي اَندر ڪا اُساٽ محسُوس ٿيندِي آهي. هن مِنيءَ ۾ ويهي پنهنجِي شاعرِيءَ ۾ ڊيلُون ۽ مورَ سَجايا آهن. مُنهنجِي خواهش آهي تہ هُو ٿر جي فوڪ لور تي سنجِيدگِيءَ سان ڪو جاندار ڪم ڪري.

حفِيظ ڪُنيَرِ

## جڳ مڳ ڏِيئا، تُنهنجي ذات

منهنجو دوست يارُو مل اَمراڻِي ٿر جي اُنهن چند ذات ڏٽين مان هڪ آهي، جنهن جو شاعريءَ ۾ پنهنجو هڪ الڳ ئي انداز آهي. هُو پنهنجو هڪ الڳ ڊِڪشن رکي ٿو ۽ ادبي کيتر ۾ سندس پورهئي جو پنڌ پڻ نرالو آهي.

يارُو جِي شاعريءَ جي هن ساگرمان ۾ سُرڪ پريندي مون تي اهو سچ تہ ضرور عيان ٿو آهي تہ يارُو هڪ گهڻ مطالعاتِي شاعر آهي، شايد اهو ئي سبب آهي جو مونکي يارُو جي ڪنهن بہ شعر ۾ ”پرتِي“ نظر نہ آئِي، هُن وٽ موضوعَن، تشبيهَن ۽ استعارن جو اَٿاه سمنڊ آهي. هُو پنهنجي شاعريءَ کي پنهنجي عبادت ٿو سمجهي ۽ سچ پچ تہ هُن جي اُنهن سادِي سلُو ٽي بندگيءَ ۾ بہ ڪيڏو نہ ڪمال جو حُسن آهي.

هُو سُونهن جِي ديوِي،
آئون پيار جو ساڌُو.
مون ڪاسبِي جي مندر ۾ هُن کي پاتو،
مون اکين جي ٿالهِيءَ سان هُن جي آرتِي اُتاري،
مُون روح جي رُومال ۾ ويڙهي هُن کي لاتو.

يا سندس هڪڙو ٻيو خُوبصورت نظم آهي، جنهن ۾ هُن چُميءَ جي پيٽ خواج فريد جِي ڪافيءَ سان ڪئي آهي ۽ هن نظم ۾ پڻ هُن ڪيڏي نہ ڪمالِ حُسناڪِي سان موجُوده حالتن جي عڪاسِ ڪئِي آهي، سندس اِهو نظم انسانيت جي اُنهن

دُشمنن لاءِ هڪ ڀرپُور چماٽ آهي، جيڪي صُوفين ۽ شاعرن جي مزارن تي پڻ آپگهاتي ڌماڪا ٿا ڪن.

ٽُنهنجي چُمِي،
مُون ڪي خواجہ فريد جي ’ڪافِي‘ وانگر لڳندي آهي.
’مُنهنجي جانان‘،
اُن ۾ ايڏِي دير نہ ڪر!!
هيل ڌماڪن جي رُت ۾ ڊپ لڳي ٿو
ڪٿي!؟
ٽُنهنجي چُمي اڌ ۾ رهجي نہ وڃي...!

پنهنجي شخصيت ۾ فقيراڻو سَياءُ رکندڙ يارُو پنهنجي شاعريءَ ۾ بہ مُون کي هڪ رولاڪ بادل جيان ڀاسي ٿو. هڪ اهڙو بادل ۾ جيڪو نگر نگر جي دردن جو درمان ٿو بنجڻ چاهي، هُو ڪٿي ”آس“ جو ڏيئو ٻڻجي ”اَلبرٽِي“ کي آٿت پيو ڏي تہ ڪٿي وري ڪارُونجهر جي ڪولهين سان گڏ ”راسُوڙا“ پيو ڳائي، ڪٿي هُو ”اياز“ کان ”جهانسِيءَ جي راڻِي“ جي تلوار اُڌارِي پيو وٺي تہ ڪٿي وري هُو آرٽ کي اِنقلاب جو بهترين ساٿي بنائڻ جي لاءِ ”موئن جي دڙي“ جي مِٽي پيو ڳوهي. مطلب تہ سندس تخيل جي اُڏام تمام اُوچي آهي. سندس فِڪر جي گهرائي تمام وسيع آهي، مُون کي تہ يارُو مان فيض جي فِڪر جهڙِي خُوشبوءِ بہ ايندي آهي، جو ڪيس مُون تمام ويجهڙائي کان ڏٺو آهي، هُو مونکي سدائين ”فيض“ جي انهن سٽن جي مُترادف لڳو آهي تہ:

غمِ وجهاڻ هو، رُخ يار هو ڪہ دَستِ عَدُو،
سَلُوڪَ جس سبگ ڪيا هم نگ عاشقانہ ڪيا،
ٽگ خاڪِ راہ پي هم لوگ قسرِ طوفان پي،
سَها تو ڪيا نہ سَها اور ڪِيا تو ڪِيا نہ ڪيا.

شيخ اياز هڪ هنڌ لکيو آهي تہ ”مون کي هزارن ڪتابن جي مطالعي مان اُها خوشي حاصل نہ ٿي ٿئي جا هڪ ٻيڙي هاريءَ جي گُهنج گهُنج منهن تي ڦهليل مُرڪ ڏسي ملي ٿي.“ بلڪل ايئن ئي چيلي چارڻ جي ڳوٺ ”چيلهار“ جو هِي چلولِو جوڳِي يارُو پڻ پنهنجي شعرن ۾ مُرڪن ۽ ٽهڪن جُون صَدائُون هٽندو ڦِرندو آهي.

ٽهڪ ڦُلن جُون ٽاريُون،
مُرڪون مالهائُون،
آئون ڪاتي ڳوليان!

يا موهي ويئي مُرڪ پرينءَ جي،
جذبن ۾ جَهنڪار وري آ!

پنهنجي ذاتِي زندگيءَ ۾ پڻ هُو بلڪل ايئن ئي رهيو آهي، ڪنهن کي فون ڪندو، فون تي پيو چوندو ”منا ٽورو مُرڪ تہ فقير خوش ٿين“، سندس شاعري، سندس ذاتِي زندگيءَ جو اولڙو بہ آهي تہ منجهس تجربن، مُشاهدن ۽ احساسن جي بي پناهہ گُونا گُونيت پڻ آهي.

مُنهنجي جِيون جي راهن ۾،
ٽِياس تنگي روز وجو ٿا.

مونکي شايد ڪوٽ چاڙهو ٿا،
ڪِليءَ تنگي روز وجون ٿا،

يا وري سندس غُزل جُون هِي سٽُون ڏسو:

حادثن ۾ رهي آ گهٽِي زندگِي،
ڪيترا گهاءُ سگهبا ڳٽِي زندگِي،

واٽ هلندي اوهان هٿ ڇڏائي ويا،
پوءِ بنواس جهڙي بڻِي زندگِي.

يارُو جي شاعريءَ جو فني سِٽاءُ ڪيترو پُختو آهي، مَنجهس ڪٿي جهول آهن، اُن جو فيصلو ته ڪو بحروزن جو ڄاڻو ئِي ڪري سگهي ٿو، ها باقي سندس فِڪر جي وُسعت جي باري ۾ آئُون اهو چوڻ ۾ حق بجانب آهيان ته يارُو جهڙو پاڻ سچو سونِ آهي، اهڙي ئي سندس شاعري آهي. مُنهنجي اها دِلي دُعا آهي ته يارُو جي شاعريءَ جا حسِين رنگ اڃا وڏيڪ ڇِٽا ٿين ۽ اُهي سَمُورِي سِنڌ جي ڪِئنواس تي ڇِٽجي وڃن جيئن هر عام ۽ خاص سندس پيار جي پورهئي مان محظُوظ ٿي سگهي ۽ يارُوءَ جي درد ۽ فِڪر کي محسُوس ڪري سگهي.

- وجئه شرما
مني، ٿرپارڪر

## پارُو مل اَمراڻِي: ٿر جو وِدياپتِي

ٿر جي پٽن جو مُسافر ۽ اسان جو دوست پارُو مل اَمراڻِي، جديد سنڌي شاعريءَ جي سمورين صنفن تي، تخيل جي بُلند اُڏار سان، فطرت جي حسناڪيءَ کي بيان ڪرڻ سان گڏ، عالمي امن ۽ ديس جي ريت پريت کي پنهنجي شاعريءَ ۾ پينٽ ڪندو رهي ٿو. هن پنهنجي شاعريءَ ۾، جتي پيار ۽ پريت کي ڳاتو آهي، اُتي انقلابي اڳواڻن ۽ عالمي سطح جي ڏات ڏڻين سان به مخاطب ٿيو آهي. ٽراٽسڪيءَ کان وٺي 'چاچري جي سج' ڄام ساقيءَ تائين هن وٽ ڏيهي پرڏيهي ڪردارن جي هڪ ڪهڪشان آهي، جن سان پنهنجي شاعريءَ ۾ مخاطب ٿئي ٿو. شيخ اياز جي شاعريءَ جو سُومر رس پيئندڙ ٿر جي نوجوان اديبن ۽ شاعرن ۾ پارُو مل جو نانءُ نُمايان آهي. هن سندس ڪُجهه شاعريءَ جو ڍاٽڪيءَ ۾ ترجمو به ڪيو آهي. سندس شاعريءَ ۾ ٿر جي حالتن، زندگيءَ ۽ حُسن کان سواءِ سندس فقيراڻي طبيعت جو به پتو پوي ٿو. شاعري، هُن وٽ ڏات آهي:

دل جو ڏڙڪو وڌي ويندو آ،
شعر ڪوئي نهِي ويندو آ.

ميان! ڇا ڏسين ٿو فِڪر جي بلندي،
ازل کان اسان وٽ اُڏارون اُڏارون.

پارُو مل کي سائين ولي رام ولڀ سنڌ جو ’ديوندر سَتيارٿي‘ سڏيو آهي، جڏهن تہ آءٌ سندس لوڪ ادب تي دسترس رکڻ ۽ شاعريءَ ۾ مڌوبن جي شاعر ودياپَتِي جي امر گيتن جهڙي ٿر جي فطري سونهن ۽ خوشبوءِ جي بيان کي ڏسي، کيس ’ٿر جو ودياپتي‘ سڏيان ٿو. دُعا آهي تہ ٿر جو هي نوجوان فقير منش زندگيءَ ۾ شاعريءَ سان گڏ تحقيق ۽ ادب جي ٻين رُخن تي اچا بہ وڌيڪ چابڪدستيءَ سان لِکي ۽ مچتا ماڻي!

تولارام سُوٿهڙ
باراچ، ضلع ٿرپارڪر

# غزل

سنجھا تاڻي، ياد اوھان جِي،
آنسو آڻي، ياد اوھان جِي.

ڪِن وٽ دولت، ڪِن وٽ دنيا،
مون وٽ ھاڻي، ياد اوھان جِي.

روز اسان کي مايوسي ڏي،
تاڻيو تاڻي، ياد اوھان جِي.

چين چُڪي چا ڏيندي پيارا،
گھايو گھاڻي، ياد اوھان جِي.

پن ڇڻ جي وڻ وانگر آئون،
ڇڏيو ڇاڻي، ياد اوھان جِي.

هاءِ زمانا ماڻهو آهيون،
وٺ نہ نشانا ماڻهو آهيون.

ڪاش لکي ڪو، ڪاش ٻُڌي ڪو،
اسين افسانا، ماڻهو آهيون.

ڪنهن بہ نہ پيتا، ڪنهن بہ نہ وَرتا،
سي پيمانا ماڻهو آهيون،

يار حُسن وارا هليو اچ.
پيار خزانا، ماڻهو آهيون.

تو بن ڪهڙي تمنا هوندي،
جڻ بي معنيٰ، ماڻهو آهيون.

هڪڙو ويلو، ياد اچي ٿو،
هُن سان ميلو، ياد اچي ٿو،

ساڻ اوهان هوندي پيي سانئڻ،
من تہ اڪيلو، ياد اچي ٿو.

هاءِ وڇوڙي ويل اڪين
مان،
لُڙڪن ريلو، ياد اچي ٿو.

توبن أيري آيا توهر،
دل جو ٻيلو، ياد اچي ٿو.

سُٺي سنڌ جون اڄ پڪارُون،
پيا پنڌ آهيون قطارون قطارون.

وچن جي سماتن جمڻ ساڻ ورتا،
دراوڙ اِهي ئِي پچارون پچارون.

اسان لاءِ مُقدس وطن جي مٽي آ،
جُهڪائي ڪٽون ٿا نهارون نهارون.

ڪَلا پِي سِڪي قوم جي ڪاڄ ڪارڻ،
اِهو چنگ ساڳِيو ڪٺارُون ڪٺارُون.

اُتر جي هوا ۾ گُلن جا نياپا،
ڏکين ڪي ڏُڪائن بَهارُون بهارون.

ميان چا ڏسين تو؟ فِڪر جي بُلندِي،
اَزل ڪان اسان وٽ اڏارون اُڏارُون.

سُھڻا تنھنجي سار وريِ آ،
نيڻن ۾ وسڪارَ وريِ آ.

آءُ اڪيلو ڏاڍو آھيان،
پيارا! تُون ھِن پار وري آ.

تو ڪي پنھنجون مجبوريون ھن،
ھائو، پر ھڪ وار وري آ!

موھي ويئي مُرڪ پرينءَ جي،
جذبن ۾ جھنڪار وريِ آ!

ڀٽ جا سائين! سنڌ سُڪي ٿي،
ڳاءِ اچي ملھار، وريِ آ!

ٺُنھنجو ڀارُو تنھا آھي،
تنھن ڪي تون نہ وِسار وريِ آ.

ﮯﮰ

تو کان جئن ئي ٿريا آهيون،
دردن ڏي ئي وريا آهيون.

رات سوين جي ساک ڪٽي،
ڏيئن وانگي ٻريا آهيون.

جُڳ جُڳ جي اُڄ آهه اندر ۾،
سَوَ جنمن کان ٿريا آهيون.

تنهنجي نيڻن جي ساگر ۾،
هرپل ٻڏندي ٺَريا آهيون.

راڳ ٿيو ويراڳ اسان جو هي،
ڪيڏا چاهتِ چرِيا آهيون.

توکي سارڻ ۾ مزو ايندو آ،
هَنجُون هارڻ ۾ مزو ايندو آ.

هو ڪُهن مون کي پل ڪيڏو پيو،
نيڻ نهارڻ ۾ مزو ايندو آ.

قول پلي پاري نہ پيارو،
مون کي پارڻ ۾ مزو ايندو آ.

نانءُ ڪيڏو آ انوکو تنهنجو،
ها اُچارڻ ۾ مزو ايندو آ.

توڙي نقصان ٿئي ٿو دل جو،
درد ڏارڻ ۾ مزو ايندو آ.

ꙮ

دل جو ڏڙڪو وڏي ويندو آ،
شعر ڪوئِي نهِي ويندو آ.

ڳُل جنهن کي ٻہ مون آڇيا،
سو ئِي پٽر هٽي ويندو آ.

جنهن کي پايان وساري ڇڏيان،
ياد سوئِي اچِي ويندو آ.

مهرباني اها پيي سندس،
ڳهاءَ ڳِهرا ڏئِي ويندو آ.

جا اکين ۾ ڇُپي روشني ڇا ڪَجِي!
موت جان مارُٽِي زندگي ڇا ڪَجِي!

جا ٿئي تي سبب فاصلن جو رُڳو،
دوست منھنجا اُھا دوستِي ڇا ڪجي!

ساٿ مون سان سدائين نڀايو غمن،
عارضِي عارضِي آ خوشي، ڇا ڪجي!

پنھنجي صورت پرين ڪو نہ پيئي وٽي،
پو اکين جي اڳيان آرسِي ڇا ڪجي!

پيارَ جِي پاپَ تي جيت ٿيندي اَوس،
تيستائين مگر سانوري ڇا ڪجي!

تنھنجي دل تي پرين ڪو اثر ڪونہ پيو،
پوءِ يارُو ڀلا شاعري ڇا ڪجي!؟

نيڻ اوهان جا نينهن نظارا،
ڪيڏا آهيو اوهين پيارا!

مِنٿا آهيو مِنا ئي رهجو،
پر نہ ڪڏهين ٿيجو ڪارا.

هن جي نيڻن منجهہ ناهيم،
منهنجا ٿي ويا نيڻ اُجارا.

من تہ پوپٽ ٿي پيو آهي،
آڏيون ڪنهن ڪان گُل اُڏارا؟

هر ماڻهو ڪي مِلندا ناهن،
اي دل چانڊوڪيءَ جا چارا!.

ذهن تي تنهنجو آهہ تصور،
وسريا ويچار ٻيا سارا.

ﮨﮩ

آيو آگمر، تون بہ اچين ها،
گهتجي ها غُمر، تون بہ اچين ها!

پيار پُڄائين، دل نہ سِڪائين!
اُڇلي هر ڪمر، تون بہ اچين ها.

مُند وڃائڻ، گهاٽو پائڻ!
نِڪري ٿو دمر، تون بہ اچين ها.

جڳ جو ميلو، پيار اڪيلو!
سوچي همدمر، تُون بہ اچين ها!

منهنجي جواني، ڪن ٿا جاني،
درد بہ باهمر تون بہ اچين ها.

ورهہ وڇوڙا، آٽن ڳوڙها،
نيڻ ٿيا نَمُ، تُون بہ اچين ها.

مُون سان روز مُقابلِ آهي،
سارو عالمر، تون بہ اچين ها.

حادثن ۾ رهي آ گهٽي زندگي،
ڪيترا گهاءَ سگهبا ڳڻي زندگي.

واٽ هلندي اوهان هٿ ڇڏائي ويا،
پوءِ بنواس جهڙي بڻي زندگي.

سچ چوڻ لاءِ آ هڪ گهڙي پي وڏي،
چاٿيو جي ملي هڪ ڪٽي زندگي!

هي غمن جو ٿيو آ منا ردعمل،
وقت کان اڳ اسان جي ڇٽي زندگي.

هر قدم تي رُڳي بي ڪسي، بيوسي،
هي بہ ڪا تو ڏني آ ڏٺي! زندگي،

گُل اوهان جي حُسن جا ملڻ سان مني،
ڏات جي پوپٽن ڪي وٽي زندگي

پيرُن _ موسم تيز هوائون،
ياد ڏيارِن وارن - چائون.

ويساڪ آيو آرهڙ تپيو،
هاءِ اُ جارو تڙپان آئون.

منهنجي لاءِ عدن آ هِي ٿر،
مور نچيو، گهنگهور گهٽائون.

هڪڙي سنجها تُنهنجي نالي،
سُونهن لڪائِي ٿي ڪوتائون.

طوفانن ۾ ٻيڙو تاري،
ڪر وڏجارا آءُ! وفائون.

زندانن کي ٽوڙي ڇڏبو،
ايندين آزاديءَ هوائون.

جڏهن مِلو ٿا،
نوان لڳو ٿا!

اڳيون کهاڻيون،
وري پُڇو ٿا.

اسين اَڪيلا!
اوهين وچو ٿا.

پُڇا نہ ڳاڇا،
نہ خط لِکو ٿا.

ڪري بہ ڪيڏا،
وچن وچو ٿا.

مِلي چيائين:
ڪٿي رهو ٿا؟

هُن جُون مُرڪُون ڇڄ مالهائُون،
پيو ٿو پايان هر هر آئُون.

ڪڏهين هو پِي روئي پوندو،
مُنهنجون ايندس ياد وفائُون.

تُنهنجي ٿهڪن سان ٽڪرائي،
مُنهنجون موٽيون رات صدائون.

مُنهنجو پيارا ڪِين رهئين تُون،
ڪُوڙيُون نِڪتيُون هَٿِ ريکائُون.

مِينهن ڏسي هو من موٽي پئي،
بَرڪا بَرسي گُهران دُعائون.

پُرزا پُرزا آهي جيون،
آهي ڪوئي، ناهي جيون!

دل چوي ٿي اڄ اوهان کي،
ڏيان هٿن ۾ لاهي جيون.

منهنجو هوندي، منهنجو ناهي،
منهنجو ڪهڙو آهي جيون!

بس اهو ئي پيو ٿو سوچيان،
تنهنجي پويان ڇاهي جيون.

سوچيو هوم اجان تہ اَڏڻ جو،
پر ڪو ويو آ ڍاهي جيون!

شاعر ڇَريا ٿيندا ناهن،
ڇيو ڪنهن آهہ ڏاهي جيون.

اڃا چاھ آرا، اوھان سان رکون ٿا،
وڏي درد ڌارا، اوھان سان رکون ٿا.

اڃان روڪ جي ٽوڪَ جي رُت نہ بدلي،
نماڻا نظارا، اوھان سان رکون ٿا.

اِھا لوڏ ٿُنھنجي، اِھي ڪوڏ ٿُنھنجا،
عُمر جاسھارا، اوھان سان رکُون ٿا.

سچو من اسان جو اُڪيرون اُڪيرون،
اکين جا اُمارا ، اوھان سان رکون ٿا.

اسان کي زمانو اوھان سان سُڃاڻي،
اسين چنڊ تارا، اوھان سان رکون ٿا.

سڀن کي دوست سمجهون ٿا،
اسين ڀورا اڃا آهيون.

رُوڄ ۾ ٿا مزا ماڻيون،
غمن گهورا اڃا آهيون

اوهان هوندي، اوهان هوندي،
ڇَنا ڇورا اڃا آهيون.

اوهان کي شوق ٽوڙڻ جو،
ڪچا ڏورا اڃا آهيون.

لِکو پڙهو اوهين ڇا ٿا؟
اسين ڪورا اڃا آهيون،

هڪڙو اهڙو پيارو ماڻهو،
چانڊوڪِيءَ جو چارو ماڻهو.

ڪنهن وٽ روئي درد گهٽايان،
نِڪتو هو بہ اُڏارو ماڻهو!

هٿ ريکا ۾ ڪونہ لِکاڻو،
سُهڻيءَ صورت وارو ماڻهو.

هو سانوڻ جو پريل بادل،
ٿر جو آءُ اُجارو ماڻهو.

ميڙ ڏٺم ماڻهن جا ڳولي،
ڪونهي ڪو هُن پارو ماڻهو.

پاڻ هئاسين پولي ۾،
وچڙي پيا سين رولي ۾.

سّکا نيٽن مان، سپنن جا،
روز ڇٽن ٽا جهولي ۾!

پيار بنا چاهي پيار،
دُنيا جي هن گولي ۾!

ڪيڏو چاهيان ٿو جيئڻ،
جيون تنهنجي اولي ۾.

منهنجو من مارُن جهڙو،
تون ڇڻ آمر ٿولي ۾.

ريشمي تاڪيو آ سڄو ئي بدن،
هار ڪاڏي اوهان جي حُسن کان گُلن.

اوهان کي اسان هر جنم پوڄيو،
هر جنم ۾ اسان جي اوهان سان لڳن.

سِينڌ تُنهنجي سَجي، سِينڌ تُنهنجي سَجي
واس پريُون هوائُون اسان ڏي اچن.

ٿيڙ ڪائي وري بد حواسن جيان،
چنڊ تارا پرين روز توڏي تڪن.

سال ٿيا ڪي پيا جي ڇَڳن کي ڇهئي،
آڱرين کي وري ڏَسَ ساڳيا ڏِجن،

سينڌ تنهنجي پرين، شل سجيل ئي رهي،
واس واريُون هوائُون اسان ڏي اچن.

تنهنجي مون کان ڏُورِي آهي،
مون لئہ پل پل سُورِي آهي،

ڪيڏا شِعر تہ تڏڙا آهن،
شاعر اندر ڪُورِي آهي!

پُورالي پوپٽ جهڙا من،
گُل جو ساٿ ضروري آهي!

تنهنجو پيار اڪر ۾ لِکيل،
منهنجو مقدر پُوري آهي!

جوين هاڻي بار لڳي ٿو،
موٽ مِنِي! مَجبُورِي آهي.

پرسان لنگهي روز وڌو ٿا،
ڇڻ ته ڏنگي روز وڌو ٿا.

وارن سان نہ تہ ويچارن سان،
مون کي ونگي روز وڌو ٿا.

مون کي شايد ڪوڙ ٿا سمجهو،
ڪليءَ ٽنگي روز وڌو ٿا.

منهنجي جيون جي راهن ۾،
ٿياس بہ ٽنگي روز وڌو ٿا.

پنهنجي مُرڪن ۽ ماڻن سان،
روح بہ رنگي روز وڌو ٿا.

پاڳل نيڻن ۾ پاڳل سپنا،
رمتا رولو بادل سپنا،

سُرها سهڻا ڦول ڦڳڻ جا،
اُجرا هي تنهنجا ڳل سپنا!

ملهارجيان ميلاپ اوهان جو،
ڏي ٿو بوندن پريل سپنا.

ڏينهن آيا هجي ڪنڌ ڏيڻ جا،
تڙپائن ٿا بِيجل سپنا.

ڪڏهن نيڻن ۾ ننڊ ايندي،
رک سنڀالي سانول سپنا...

هيڪل وياڪل هانءُ پرين،
ڇَپر نہ ڪائي ڇانءُ پرين.

تنهنجي گهٽي، تنهنجو گهر،
پوڇڻ جهڙو ڳانءُ پرين!

سُونهن سمايان شعرن ۾،
ڏات، نہ اهڙو ڏانءُ پرين!

منڙا مون ڪان ڏار نہ ٿي،
تنهنجو آهيان آنءُ پرين!

ജരു

منھنجي دل جا راڻا آءُ،
پينگ تيا سپ ياڻا آءُ!

توبن ڪھڙا چيٽ ۽ چنڊ،
مند نہ ڄاڻي ماڻا آءُ!

تارُون من جُون تارُون ھاءِ،
گھايل گيت اُڏاڻا آءُ!

جُھڙ ڦڙ پرجي آيا نيڻ،
جھورن تا جھوراڻا آءُ!

مئخاني جي در تي روز،
سارن يار پُراڻا آءُ!

ڪو پريتم بانورو اهڙو هجي،
ڏرتتيءَ ۾ چانورو اهڙو هجي.

حل ڪرائي همسفرتي هرقدم،
زندگيءَ جو مامرو اهڙو هُجي!

اچ تہ اورانگهي هلون سيئي حدون،
پيار هاڻ اُتامرو اهڙو هُجي.

رت بسنتي، گل سُرها ۽ ڪکر،
رُوپ وارو سانورو اهڙو هُجي.

درد ڏاڍو تو ستائي شام جو،
غم گهٽائي بانورو اهڙو هُجي.

# وایُون

سانجِهيءَ جو سارُون،

کجلاسر جي کپ تي.

سونا ڦُل سَڳين ۾،

چيرن چَمڪارُون،

کجلاسر جي کپ تي.

ولين جيئن وريُون وري،

مُنهنجُون نهارُون!

کجلاسر جي کپ تي.

وانگي شل ٻيهر وسن،

بندر بازارون،

کجلاسر جي کپ تي.

ورثي ڪارڻ ورچيون،

ڪولهِي ڪُوڪارُون،

کجلاسر جي کپ تي.

توبن هاريو هاڻ مون،

آيون اچنگارُون،

کجلاسر جي کپ تي.

تُنهنجون جفائُون،
لوڏِيان تو آئون،
جِيونَ جِي جهولِيءَ ۾.
ڪُوڙو سِڪّو پيار جو،
مور نہ اُچِليائُون!
جِيونَ جِي جهولِيءَ ۾.
پيار ڏئِي مون پاتيُون،
گهر گهر
گِلائُون،
جِيونَ جِي جهولِيءَ ۾.
ڪنهن اکين سان اوتيُون،
ڪيڏيون
ڪَوِتائُون!
جِيونَ جِي جهولِيءَ ۾.
تنهنجون شل مان ميڙيان،
مُرڪون مالهائون،
جِيونَ جِي جهولِيءَ ۾.

ڪرڙو ناهي ڪڏهِين، پاپِيءَ سان پَرچاءُ،
ڏارِينداسِين ڏاڍِ ڪي.

ناهيُون پِيَرُ پَنڙا، جو ڪيرائي واءُ،
ڏارِينداسِين ڏاڍِ ڪي.

ڦهليو آهي فِڪرُ جو، چؤنئرن منجهه چِتاءُ،
ڏارِينداسِين ڏاڍِ ڪي.

خُوشبوءِ ڪان پِي خُوب آ، سچائِيءَ جو ساءُ،
ڏارِينداسِين ڏاڍِ ڪي.

ڪَنڌُ سَدا ڪُونيٺ جيان، مَٿي رهندو ماءُ!
ڏارِينداسِين ڏاڍِ ڪي.

ꙮ

هر دل ۾ اڄ ڌڙڪي،
آڄِي ڌرتيءَ جي تَمنا،

ويري تي وڄ وانگهيان،
ٻار ٻُڌو ٿو ڪڙڪي،
آڄي ڌرِتيءَ جي تمنا،

رت سان ريٽو هي جهنڊو،
تيز هوا، ڦڙڪي،
آڄِي ڌرتيءَ جِي تمنا

روليِ ويُون رُوح کيِ،
تُنهنجون اَدائُون،
آئون ڪاٽي ڳوليان!

ٿهڪ ڦُلن جُون تارِيُون،
مُرڪُون مالهائُون،
آئون ڪاٽي ڳوليان!

رُوح ڪڙهي رِڻ جان،
ڇَمر جُون ڇانئُون،
آئون ڪاٽي ڳوليان!

ڪڏهين تُون هٽنلو هُئين،
هٿ سان هَوائُون،
آئون ڪاٽي ڳوليان!

موٽي مسِيحا نہ آئيو،
دل جُون دوائُون،
آئون ڪاٽي ڳوليان!

سارو جيون سپنا
تن جُون ساپيائون
آئون ڪاٽي ڳوليان!

جنهن ۾ تون ئي تون هُجين
سي هٿ ريکائون،
آئون ڪاٽي ڳوليان!

آءُ اسان وٽ يار،
پوڄا جهڙا پيار،
مِنڙا توکي ارپيون!

ٿڌڙا ٿڌڙا ساهہ ۽،
محبت جي مهڪار،
منڙا توکي ارپيون!

چاهت جي رس چس ۾،
ڀريا نيڻ
خمار.
منڙا توکي ارپيون!

هيءَ جا ڪوئل ڪنٺ ۾،
گِيتن جي گونجار،
منڙا توکي ارپيون!

آٽي پاڪر انگ ۾،
ڳل تي چُميون چار،
منڙا توکي ارپيون!

جڳ جي ظلمن ۾
تنهنجي صدمن ۾
ڪو ئي فرق نہ آهي!
ڪاڳر تي ڳوڙهن
دل جي زخمن ۾
ڪو ئي فرق نہ آهي!
تيز ترار جيان
تُنهنجي لَهجن ۾
ڪو ئي فرق نہ آهي!
گهرا جڻ ساگر
تنهنجي نيڻن ۾
ڪوئي فرق نہ آهي!

ماڻهو ميگهه ملار،
ڪڏهين ايندين ڪيرٿي! *
ساري توکي سُپرِين،
چاندِي ڪيم
وار،
ڪڏهين ايندين ڪيرٿي...
ڪُوهہَ مٿان هو ڪَنج ڏس،
پِرهُ ڦُٽِيءَ جا
پار،
ڪڏهين ايندين ڪيرٿي...
روئي روئي ٿي ڏيان،
منِيءَ ڪي
ميار،
ڪڏهين ايندين ڪيرٿي...
چونئري چونئري چنڊ
لَهرا پَهرا
پيار،
ڪڏهن ايندين ڪيرٿي...
چمڪين ايئين چت ۾،
جڻ چاتِيءَ جو هار.
ڪڏهن ايندين ڪيرٿي...

---

* ڪيرٿي: تعلقي منيءَ جو ڳوٺ، ٿر جي تاريخ ۾ ڪيسر مڪواڻي جي راڄ ڌاڻي جو هنڌ رهيو هو، ڪيرلِي ۽ ڪيرٿِي گڏ بہ سڏيو ويندو هو ، ڪيرٿي اڄ بہ فطرتي حسناڪيءَ جو منظر پيش ڪري ٿي.

ڏاڍو پنڌ ڪيو آ تو، پل ڪن ساهي پٽ،
اوري آءٌ گوارڻ!

سڀ توسين واپار ڪندا ڳوٺ ۾ ناهي هٽ،
اوري آءٌ گوارڻ!

تنهنجيءَ سُونهن جو، هٽ ڪو ناهي مٽ،
اوري آءٌ گوارڻ!

# گیت

سانوڻ وَريو سَڪي!
جوڀن جاڳي پيو.
جذبن جُهومَ ٻڌي،
جوڀن جاڳي پيو.
اُتر واءُ لڳو،
منهنجو مَنُ پڳو،
ڪنهن جي سار لڳي، جوڀن جاڳي پيو.

آڌيءَ ويلي ٿي،
دل جي ٻيلي ٿي،
ڇم ڇم ڇير لڳي، جوڀن جاڳي پيو!

اُڀ جي ڪڪريءَ مان،
تِتر ڪرڙيءَ مان،
پيارو چنڊ پَسي: جوڀن جاڳي پيو!

تنهنجو نانءَ،
منٺڙا آنءَ،
وساريان ڪيئن، وساريان ڪيئن !

منهنجا نيڻَ،
توبن سيڻَ،
سَڪٺو ٿانءُ،
وساريان ڪيئن، وساريان ڪيئن !

جهڙ ڦڙ جها ٿي،
تو بن ڏاٿي،
هيڪل هانءُ،
وساريان ڪيئن، وساريان ڪيئن !

منڙا ماٺهو مُرڪڻ وارا،
لـوڻ ڦٽن تي
ٻُرڪِين ڇو ٿو؟

تو سان منهنجا نينهن نيارا،
لـوڻ ڦٽن تي
ٻُرڪين ڇو ٿو؟

تو سان منهنجو سنگ هيو،
راسُوڙن جو رنگ هيو،
نينهن وساري،
پيارا پيارا ڏينهن وساري،
لـوڻ ڦٽن تي
ٻُرڪين ڇو ٿو؟

ڪيڏا جوين آڙنگ ٿيا،
وارا وِڇن جئن ونگ پيا،
مينهن وساري،
ڪهڙا ڪهڙا ڏينهن وساري ،
لـوڻ ڦٽن تي
ٻُرڪين ڇو ٿو؟

چم چم چير وجي ٿي،
مون ڏي ڪير اچي ٿي،
رات انڌيريءَ ۾!
سارو ديس سُتو آ،
ڪنهن جو چين ڦٽو آ،
ويلَ اَويري ۾!
رات انڌيريءَ ۾!
ڪهڙو چاڳ چري آ،
من ۾ آڳ ٻري آ،
هير ٿڌيري ۾!
رات انڌيريءَ ۾!
سادي سودي هي دل،
پيار گهري ٿي پاڳل،
دنيا ميريءَ ۾!
رات انڌيريءَ ۾!

وسڪارو آيو، وسڪارو ڙي!
وسڪارو آيو !
مورن ٽهوڪن تي، ڊيلون ڊوڙن،
لڙڪ جهپي ٽيون ، دلڙيون جوڙن،
نينهن جو آهي ڏيک نيارو ڙي!
وسڪارو آيو !
رنگ ڳڍِيءَ جو مومل ڪاڪَ،
گولاڙي جي گل تي ماڪ،
گهورون گرمي، مُرڪون پارو ڙي،
وسڪارو آيو !
چيرن چمڪو، پَهر پِيازي،
مهڪ مني جي چندن تازي،
ساٽ سرين اهڙو سارو ڙي،
وسڪارو آيو !
رات نري، ڳائي راسوڙا،
آچي ڪامڻ ڪِننِي جُهوڙا،
چندٻ لڳي ٿو ڪو مٺهيارو ڙي،
وسڪارو آيو !
وسڪارو آيو وسڪارو ڙي،
وسڪارو آيو !

هاءِ پيارا! جيءُ جيارا!
وسڪاري ۾ ورڻي وسري،
توکي پنهنجي پرڻي وسري.

کهڙي ڪرڻي، کهڙي پرڻي،
منهنجي دلڙي زخمي هرڻي،
تڙپي تڙپي مرڻي وسري،
توکي پنهنجي پرڻي وسري.

آسون اُدما، سوچون سڏڪا،
هرپل صدما، هرپل اُلڪا،
جهٽ ۾ جوڀن ارڻي وسري،
توکي پنهنجي پرڻي وسري.

اکڙين آڏو رُج رڳو آ،
پٽڪي پٽڪي روح ٿڪو آ،
تيز هوا جي ٻرڻي وسري،
توکي پنهنجي پرڻي وسري.

❧❦

موٽي ميت اچ!
موٽي ميت اچ!

منهنجي هار ٽي،
تو ڪنهن ريت اچ،
تنهنجي جيت، اچ!
موٽي ميت اچ!

منهنجو پيار ڇڻ،
ڪوئي گيت، اچ!
سُر سنگيت، اچ!
موٽي ميت اچ،

جيون تو بن آ،
وهه جي ٻيت اچ،
ڪاري ريت اچ!
موٽي ميت اچ!

ﷲﷺ

نظم

## مُنهنجي ديس جا ليکڪ!

تنهنجي اَڪ جهڙي هاڻِي هئي،
پر ٻڙ ٻنجي ٻيهندو هئين!
تنهنجو لکڻ ٻہ ڇا،
تنهنجو لوچڻ ٻہ ڇا!
پنهنجي ديس جي هرنسل لاءِ
اُتساهہ ٿي پوندو هئين!
تنهنجو عشق ايمان هو،
تنهنجو عِشق فرمان هو تہ:
”رڳو ڌرتيءَ جي محبت سائو وڻ آهي.“
”ٻيا سڀ نظريا ناسِي آهن،“
”ٻيا سڀ رواج راڪاسِي آهن،“
”اُچليو سيئي ديو آڪاسِي،“
”مٽيءَ آهہ مقدس سڀ ڪان“
مٽي ڪي تون چمندو هئين!
مٽي جي ماڻهن جي لاءِ
چار ئي پهر سوچيندو هئين!
پر ڪنهن سَراپيو تُنهنجيءَ سوچ کي
روڳ لڳائي تُنهنجيءَ لوچ کي
سڀ ڪجهہ
ڪنهن ٻار جي سليٽ جيان
مٽجي ويو،
تنهنجي ذهن ۽ ضمير تان

هٿجي ويو
تون حاڪمن جو يار ٿي وئين،
۽ حڪمن جو هيراڪ ٿي وئين،
پويان اڄ بہ نہ ڇُلھ ٻري ٿي
دانگيءَ تي ڪو لولو ناهي.
مارو ٽڙپن ٿا آرھڙ ۾،
ڪو نہ اُنهن ڪي اولو آهي،
ڌرتيءَ جي ڏِيئڙيءَ وٽ،
پائڻ لاءِ نہ چولو آهي،
پر توکي جُھٻو اچي ٿو نہ اڳي جيان،
قلعي ۾ لڪڻ کھڙو ؟
درٻاري ديوانن جھڙو،
قلعا ۽ ڪنگرا جُھرِي پوندا،
ڪتاب ڪاڳر سڙِي ويندا
پر مارو جيئندا رهندا
منهنجي ديس جا ليکڪ
پنهنجي قِيام نہ ڪر ڪارِي،
تنهنجو جيئڻ تہ ويو،
پر مرڻ کي مِهڪاءِ!
تون مارُن ڏي موٽ ڪاءِ!
تون مارُن جا گِيت ڳاءِ!
ꕥ

## مون ڪاسبي جي مندر ۾ هُن کي پاتو

هو سُونهن جي ديوي،
آءٌ پيار جو ساڌو،
مون ڪاسبي جي مندر ۾ هُن کي پاتو،
مون اکين جي ٿالهيءَ سان هن جي آرتي اُتاري،
مون رُوح جي رومال ۾ ويڙهي هُن کي لاتو،
دل جي ديول ۾ سجدو ڏئي،
مون پاپ ۽ پُج کان مٿي هُن کي ڄاتو،
مون ڪاسبي جي مندر ۾ هن کي پاتو،
هن جو جوڀن جُڳ جُڳ جو جادو هو،

ڪهڙا جاپ ۽ ڪهڙا جنتر؟
ڪهڙي مالها، ڪهڙا منتر؟
هِن جي هڪڙيءَ مُرڪ تي مورن ڪيڙا ڪيا،
هُن جي هڪڙي ٺهڪ تي سارنگ ميڙاڪيا.
مون محبت جي ملهارِيءَ ۾ هُن کي ڳاتو،
مون ڪاسبي جي مندر ۾ هُن کي پاتو،
مُنهنجي ويساھ جي هر واٽ هُن تي ئي کُٽي،
مُنهنجي عقيدت جو هر چنڊ هُن تي ئي اُپريو،
هُن جي اڳيان ڪهڙي اگربتي ٻاريان،
هُن جو نانءُ ئي واس پريو آ،
عشق جو گهنڊ وڄائي
مون آسن جو گُل هن کي پيٽا ڌريو،
شال وٽي هي هُن کي ناتو!

مون ڪاسٻي جي مندر ۾ هُن کي پاتو!

ﮫﮬ

## توکي گُلن سان پيار آهي

توکي گُلن سان پيار آهي!
يا پوپٽن سان؟
گهر ۾ ايڏيون ٻاريون رکيون اٿئي!
توکي روشني راحت ڏيندي آهي،
يا هوائن جا جُهوٽا؟
جڳهہ ۾ ايڏيون جاريون رکيون اٿئي!
ڪنهن توسان نڀايو آهي؟
يا تو ڪنهن سان نڀايو آهي؟
زندگيءَ ۾ ايڏيون ياريون رکيون اٿئي!
ڪوئي توسان رمڻ ٿو چاهي؟
يا تون ڪنهن سان،؟
جهول ۾ ايڏيون ساريُون رکيون اٿئي!

## انساني عشق جي آڳ

مُنهنجا مالڪ!
مون نہ ڪڏهن تِلڪ هنيو آهي
نہ ڪڏهن ڪنن ۾ ڪُنڊل پاتا آهن،
نہ جنائُون رکڻ جي ڄاڻ اٿم،
آءٌ هڪ ڪوي آهيان،
سِڪ جي سُمرٽي سوريندڙ
*ڪويتا مُنهنجي وڏي ۾ وڏي آراڌنا آهي.
مُنهنجو تپ اهو آهي!،
منهنجو جپ اهو آهي،
آءٌ سونهن جي سنسار ۾ جِي رهيو آهيان
مون ودياپتيءَ جيان،
ڪونج ڳچيءَ جي لاءِ
گيتن جا هار پويا آهن
مون چنڊي داس ٻڻجي
ڪنهن راميءَ ۾ تُنهنجو روپ ڳوليو آهي،
تُنهنجي ڏنل ڏات سان
مون ڪاليداس وانگر
نئين دور جي
اروشي ۽ شڪنتلا تخليق ڪئي آهي!

---

* وِدياپتِي: ميٿلي ٻوليءَ جو خوبصورت ڪوي،
چنڊي داس، بنگالي ٻوليءَ جو البيلو شاعر، جيڪو راميءَ نالي ڌوٻڻ تي عاشق هو

مُنهنجا مالڪ!
منهنجيءَ ننڍڙيءَ دل جي اندر
اُڀ ڪان بہ وڏيون حُسن جو ڪائناتون اڏ،
مون مٽيءَ جي ماڻهو کي
تو تخليقڪار بڻايو آهي،
منهنجي هي ديهي آخر
ڏهي فنا ٿي وڃڻي آهي؛
پر جيئڻي آهي مُنهنجي ذات
جيڪا حسن مان اُتساهہ وٺي ٿي،
انساني- عشق جي آڳ ۾
جنهن جي واڌ ويجهہ ٿئي ٿي!



## انساني تاريخ جو اَمر حصو

مُنهنجا خالق !
آءٌ تُنهنجو ٿورائتو آهيان
تو مون کي ناريءَ جو سنگ
تياڳ ڪرڻ جي سزا نہ ڏني آهي،
تو مون کي تارَڪ الدُنيا ڪرڻ بدران
مُنهنجي اڳيان سُونهن جا آبشار وَهايا آهن،
عشق جي آوي ٻاري آهي،
زماني جي سون تلخين، سون دردن هوندي پڻ،
هن زندگيءَ سان پيار سيکاريو آهي،
تُنهنجا اهي مون تي احسان آهن،
آءٌ انهن کي ڳائڻ ٿو چاهيان
مُنهنجي ڪنٺ ۾ ڪوئل جهڙي ڪُوڪِ نہ آهي،
۽ نہ مور جي ٺهوڪي جهڙو مِناس آهي،
تون چاهين تہ
مون ۾ اها سگهہ پيدا ڪري سگهين ٿو،
آءٌ ميران ٻائيءَ جي يڪتاري کي کَشي رهيو آهيان،
مون ذات پات جي بندڻن کي ٽوڙي،
روِي داس کي پرڻام ڪيو آهي!

مُنهنجو مُرشد پتائي چوي ٿو تہ:
“ڏات نہ آهي ذات تي، جو وهي سو لهي”!
مون ساميءَ جي سام ورتي آهي،
مون جڏهن بہ سرجهڪايو آهي،
اهو تنهنجي تخليق ڪيل سونهن جي اڳيان ئي جهُڪايو
آهي،
تون انساني عقل کان اوُچو
۽ ڄاڻ اڻ ڄاڻ کان مٿانهون آهين؛
مون تي اها تُنهنجي شفقت شل قائم رهي!
مون کي نہ چنڊ جي تمنا آهي،
نہ سج ٿيڻ جي آرزُو !
چنڊ کي بہ اونداهيون راتيون ڏسڻيون پون ٿيون،
سج اڳيان جُهڙ اچن ٿا.
مون کي ڪنهن ديو مالائي ڪٿا جو حصو
بڻجڻ کان اڳ ۾
انساني تاريخ جو اَمر حصو بڻاءِ .

## هِيءَ اَڻ ڳاتل گِيت مُنهنجا

مُنهنجا محبوب!!
هي اڻ ڳاتل گيت مُنهنجا،
ڪيڏا نہ مون چاڳ سان لکيا آهن!
سيني ۾ سوين سور سمائي،
روح جي راڳ سان لکيا آهن!
مُنهنجا جانِ مَن!
دل چاهي تہ هي گيت ڳائجانءِ!
مور جيان سَرلا سڏ ڪري،
مون کي ڳراٽڙي پائجانءِ!
جي تنهنجي دل چاهي تہ
هي سارا پنا ڦاڙي،
پنهنجن نازڪ پيرن سان لتاڙجانءِ!
مون کي تُنهنجي هر ادا پياري آهي،
وفا جي بدلي جفا پياري آهي،
مُنهنجي توسان محبت آهي ،
محبت ۾ ڪي ميارون ناهن هونديون،
محبت ۾ ڪي جِيتون ۽ هارون ناهن هونديون.
تون پنهنجي موج جو مزو ماڻجانءِ !
جيئن دل چاهئي تيئن ڪتب آڻجانءِ!

## ڌرتيءَ سرتيءِ

پنهنجي ڌرتيءَ ٻن،
سونهن ۽ سرتيءَ ٻن
ڳهاري ڪير ڳهڙي،
ڏاڍي ويلَ ڪڙي،
ڳهاري ڪير ڳهڙي!
او پيار امن جا!
سورج ڪٿِ آهين؟
ڪاري رات لڙي،
ڳهاري ڪير ڳهڙي؟
درد ڳهٽائن ۾،
جيون جي امرت،
ڳوڙهن مَنجهه ڳڙي،
ڳهاري ڪير ڳهڙي؟
سرمد سُڏڪي ٿو،
(صُوفي سُڏڪي ٿو)
ماڻهو ويڇن ۾،
ساڳي سوچ ڪڙي،
ڳهاري ڪير ڳهڙي؟
ڪوئل تي بندش،
مورن تي پهرو،
چٻرو ڇُوٽ نڙي،
ڳهاري ڪير ڳهڙي؟

ဢဢ

## پرھُوءَ ڳاڙھي آھي

ٿُنھنجي غيرت پويان،
ٿھڪندڙ رت پويان،
سوچ بہ ڪارِي آھي،
لوچ بہ ڪارِي آھي،
پر ھُوءَ ڳاڙھي آھي،
پرھُوءَ ڳاڙھي آھي!
ھن جو ويس بہ ڳاڙھو،
دل جو ديس بہ ڳاڙھو،

من جي ٿُن سان اُٿيو،
تو لئہ ڪيس بہ ڳاڙھو!
ٿُنھنجن خارن پويان
۽ ويچارِن پويان
سازش ڪارِي آھي،
بارش ڪارِي آھي،
پرھُوءَ ڳاڙھِي آھي،
پرھُوءَ ڳاڙھِي آھي !
ھن جا سپنا ڳاڙھا،
ھن جا نيڻ بہ ڳاڙھا،
محبت ۾ ھُن ورتا،
ٿُنھنجا ويڻ بہ ڳاڙھا،
ٿُنھنجي ھٿ پويان

ٽرڙي نٽ پويان
ٽولي ڪارِي آهي،
ٻولي ڪارِي آهي،
پرهُوءَ ڳاڙهِي آهي
پر هُوءَ ڳاڙهِي آهي!

ঌ૭

## مُون هٿ چُميو هو

عشق اندر ۾ آگميو هو،
جڏهن مون تُنهنجو هٿ چُميو هو،
رُوح بہ راحت ماڻي هئي،
لذت منجهہ وجُود پُسيو هو،
وُني جي خوشبوءِ کان وڌ
تُنهنجو واس،
مون هڪ چُميءَ ۾ چُوسِيو هو،
تون اهڙي منڙِي،
جهڙو تُنهنجو عڪس چِٽو هو،
مُون تصور ۾!

ഇന്ദ

## دل جِي وَل جا گُلابي گُل

هي مُنهنجا سارا نظم
دل جِي وَل جا گلابِي گُل آهن.
غُم جي رات ۾ روز ٽِڙن ٿا،
محبت جي ماڪ وسڻ تي،
پيار جي پرهه ڦٽڻ تي
چوڌس واس وکيرن ٿا،
ڪو گُلَ هار ۾ پوئي ٿو.
ڪو مُرجهائي اُڇلي ٿو،
ڪو ئي واس وٺي
ٽڌڙو ساهه پري ٿو،
پر اي مُنهنجي جانان!
مُنهنجي دل جي هر گل جي
حسرت هيءَ رهي ٿي،
تون ڪڏهين ايندينءَ؟
تون ڪڏهن ايندينءَ؟
ڪنهن ڪي چوٽيءَ جو ڦل
بنجڻ ڏينديءَ!

## مون کي ڦول ڦٽن ٿا

مُنهنجو مقدر عجيب آهي،
روزانو مون کي
ڦول ڦٽِين ٿا.
دل جي وڻ جون لامُون لوڏي،
روز پکي پيڙائون ڏين ٿا!
هُن بسنتي ناريءَ کي
مون وانگر ئي
خزان جهڙا خيال اچن ٿا.
هر سانجهہ اُداسي آٽي تي،
۽ سپ تارا ٺهڪ ڏين ٿا!
واهڙ وانگر وهندڙ لفظ،
کنهن جي اکِيان کُٽي پون ٿا
مُند تي ميوو پچڻ کان اڳ ۾
کچا ٻور محبت جا
ڇڻي پون ٿا.
روزانو مئخاني جي
در تي آئون،
دردَ پيان ٿو!

ஐഌ

## هڪڙو گمان غنيمت جهڙو

آءٌ مجان ٿو تون مُنهنجي ناهين،
پر پوءِ بہ هڪڙو
گمان غنيمت لڳي ٿو.
آءٌ پنهنجي نالي سان گڏ تُنهنجو نانءُ لکان ٿو.
تون مون سان ملين ٿي زماني سازيءَ سان
آءٌ توسان ملان ٿو محبت بازيءَ سان
توکي پنهنجي فطرت آهي،
مون کي پنهنجي فطرت آهي،
تون وفا پسند
آءٌ وفا پرست
توکي تُنهنجي مَغرُورِي
مُون کي منهنجِي مَجبُورِي
پوءِ بہ توسان آءٌ ملان ٿو
کنهن خوش فهميءَ منجهہ کِلان ٿو.

## مُنهنجي دل ۾ ايڏي رچي آهين!

تُون آرٽ جي هر انتها کان مٿي،
تون ديو مالائي ڪٿا کان مٿي؛
تو زماني کي زندهہ جاويد ڪيو،
تو پيار کي پَنجُون ويد ڪيو،
مون ناستڪ تو ۾ آندو ايمان،
مٿيءَ جو انسان بنايو ڀڳوان!
منهنجي لئہ تون سَچِي آهين،
مُنهنجيءَ دل ۾ رَچِي آهين!
سُونهن جا سارا تو ۾ رنگ،
ڪيڏا سهڻا تنهنجا انگ!
تُنهنجا ڳَل ۽ چپ
تُنهنجون اکيون،
ڇئو مان ڪنهن سان ڀيٽيان،
هرڻيءَ جهڙي هاني تُنهنجي،
تُون رُوپ وَتي، رابيل وَني،
چنبيليءَ جِي چڪِّي آهين.!
(مُنهنجي دل جي سُندر وينگس)
مُنهنجي دل ۾ رَچِي آهين.

ෂා

## مينهن ۾ پُسنديِ پرين!

مينهن ۾ پُسنديِ پرين،
پنهنجن ڪارن وارن کي،
پنهنجين گورين ٻانهن سان
هڪڙو چنڊڪو ڏي!
آءٌ هڪڙو نظم لکي وٺان!
چنبيليءَ ول جهڙا پرين،
پنهنجي سرهي بدن تي،
هڪ پيرو ئي سهي
پونئروانگر،
مون کي ڪڏهين پرِڻ تہ ڏي،
آءٌ هڪڙو نظم لکي وٺان!
زندگي جو پيمانو پرين،
پرجي اُٿلڻ ڪان اڳ ۾،
حُسنِ جِي انگور وَلِ مان،
ڦُڙو ڦُڙو نچوئڻ ڏي،
آءٌ هڪڙو نظم لِکي وٺان!

ꕤ

## عشق کي اوتار مجيندس!

هُو رسمن جي چکيا تي چڙهِي،
مُون هُن جي رُوح جي رَک ميڙي،
چون ٿا سچِيءَ محبت ۾ سگهہ وڏي آ،
ڪاش هُو مُنهنجي هٿن ۾ جي پوي،
جيئن آءٌ چاهيان ٿو ايئن ٿي پوي،
پوءِ عشق کي اَوتار مجيندس!
شاعريءَ کي پيغمبريءَ جو جُز مجيندس!

## تون ايندينءَ الائي ڪڏهن !!

وقت ڪان اڳ ۾،
مُنهنجي لوٽڻ ۾،
چانديءَ جُو تارُون اڇي چڪيون آهن،
راند ڪيڏڻ جي وهيءَ جا ڏينهن پورا ئي نہ گُذريا،
اوچتو ڪنهن وسڪاري ۾،
عمر جي وڻ ۾ نوجوانيءَ جو ٻور لڳي ويو ،
پر هوائن جي ٽڪراءَ ۾ سڀ ڪجهہ ڇڻي ويو،
جواني ڏانهن ايندي ئي مُنهنجا پير
پوڙهپڻ ڏي وڌي رهيا آهن،
مُنهنجي اڱڻ تي محروميءَ جي
منظرن جو تماشو رهي ٿو
مُنهنجي صحرا جهڙي جيون ۾،
تون سانوڻ جو ميگهہ ملهار آهين،
تُنهنجي لاءِ آءٌ تاڙي وانگر تڙپيو آهيان،
تون ايندينءَ الائي ڪڏهن ايندينءَ!
آءٌ اُجيو ۽ اُداس موٽي ويندس
هينئر چنتا ساڙي ٿي
پوءِ چڪيا ساڙيندي!
تون ڏسندينءَ الائي ڪڏهن ڏسندينءَ!
تون وسندينءَ الائي ڪڏهن وسندينءَ!

## جيئڻ جو جواز

ڏُور پريان
موت جو گهوڙو هڻڪارُون ڪري رهيو آهي،
پر آءٌ تُنهنجي سونهن ڪي تصور ۾ آڻي،
جيئڻ لاءِ جواز پيدا ڪري رهيو آهيان،
تُنهنجي سونهن جي تصور،
هر ڀيري مون ڪي نئون اُتساهہ ڏنو آهي،
مون *وديا پتيءَ وانگر تُنهنجيءَ سونهن تي،
سوين گيت لکيا آهن،
هن ڀيري آءٌ موت سان ٽڪر ڪائيندس،
تُنهنجي سونهنَ مون ڪي زندهہ رکندي.!



* **ودياپتي:** ميٿلي ٻولي جو خوبصورت شاعر، نندي ڪنڊ ۾ گيت جي خوبصورت شاعرن ۾ ودياپتيءَ جو نالو اهم آهي.

## موت ۽ زندگي

مُنهنجا پرين!
موت اهڙو ئي هوندو،
جهڙو تو کانسواءِ
منهنجو روپ!؟
منهنجا پرين!
زندگي اُها آهي،
جنهن پل ۾ تنهنجو ميلاپ!

## هڪڙو آلندي بہ جنم وٺندو آهي

هر دور جو آمر،
هرديس جو آمر،
چِليءَ جي صدر پِنوشِيءَ وانگر سوچي ٿو،
”هن ديس ۾ هڪڙو پڻ بہ اهڙو نہ آهي،
جنهن کي آئِي نٿو چوريان“.
پر اهو چو وساري ٿو تہ!
هر دؤر ۾،
هرديس ۾،
هڪڙو آلندَي بہ جنم وٺندو آهي،
جنهن جي ’نہ‘ چوڻ جي سگھہ اڳيان،
جبر جا هماليا جھُڪي پوندا آهن،
هڪ سان هزارين ملندي ملندي.
سارو ديس،
انساني هٿن جُون زنجيرُون بڻجي پوندو آهي،
۽ آمر کي پنهنجي اڪيلائيءَ ۾
بُڏي مرڻ جو موقعو تلاش ڪرڻو پوندو آهي!

೫೦೮

## سنڌ راڻي

سنڌ راڻي!
تُنهنجي کهاڻي،
تر جي لوڪ آکاڻيءَ جهڙي
پٽ تي مڇ ڪچهريءَ ۾
جُهونا سگهڙ روز چون ٿا
سنڌ راڻي!
تُنهنجي کهاڻي،
تر جي لوڪ گِيتن جهڙي،
ڳوٺ کان کوهه ڏي ويندي روز
پاڻياريون پنڌ ۾ ڳائن ٿيون،
سنڌ راڻي !
تُنهنجي کهاڻي،
تر جي هُرمچي ڀرت جهڙي،

چونئري اوٽ ۾ ويهي،
جڻ چُوڙيلِيُون
روز پشم سان ڀَرِين ٿيون.
سنڌ راڻي!
تُنهنجي کهاڻي،
تر جي مورن - مٽڪو جهڙِي،
پٽ جي ماٿارِيءَ تي،
ڍيلُون ڊوڙِي روز رمن ٿيون ...
سنڌ راڻي!
تُنهنجي کهاڻي،

بانسريءَ جي سُرن جهڙي،
ڪُونيٽ ٽُڙن ڪي پُڻِي ڏئي،
ٿر جا ڏنار ڳائن ٿا.
سنڌ راڻِي!
تُنهنجي ڪهاڻِي،
مَرُوئي مهڪار جهڙِي،
ڀالوا جي ريلَ ۾،
ملير جا مارُو روز مهڪائن ٿا،
سنڌ جي راڻِي!
تُنهنجِي ڪهاڻِي!

## ٽراٽسڪي، آءٌ تو سان رهاڻ ڪرڻ ٿو چاهيان!

*ٽراٽسڪي!
آءٌ پنهنجي ديس ۾ آرٽ جي آزاديءَ لاءِ
اجا وڙهي رهيو آهيان
تو ڪٿي آهين؟
ميڪسيڪو جو آرٽسٽ ڊيگو رويرا
بہ نظر نٿو اچي!
آرٽ کي انقلاب جو بهترين ساٿي بنائڻ لاءِ،
مون موهن جي دڙي جي مٽيءَ کي ٻيهر ڳوهيو آهي.
مُنهنجا گهڻا همعصر
ڪلهہ آمر سان گڏ بيٺل ها،
۽ اڄ هن جي باقيات سان-

مُنهنجي شاعريءَ سان
مُنهنجا همعصر
وڏو ساڙ رکن ٿا
۽ چون ٿا:
تنهنجي گيتن ۾ پروپيگنڊا آهي!
آءٌ بہ سوچان ٿو:
ڇا گيت پروپيگنڊا نہ هوندا آهن؟
ڇا گوئٽيئر جي گِيتن ۾ پروپيگنڊا هئي،
جو لينن کي وڻندا هئا؟

---

* ٽراٽسڪي: مشهور ڪميونسٽ دانشور ۽ لينن جو ويجهو ساٿي، ٽراٽسڪِي پنهنجي فنڪار دوست ڊيگو رويرا سان گڏجي آرٽ ۽ انقلاب بابت هڪ پڌرنامو جوڙيو هو، ٽراٽسڪي کي جلاوطني دوران ميڪسيڪو ۾ ماريو ويو.

اياز جي گيتن ۾ پروپيگنڊا هئي،
جو جِي.ايم.سيد کي وڻندا هُئا؟
مُنهنجي همعصر جي اندر ۾
آمر شاهي جي ذلت جو احساس اجا نہ جاڳيو آهي !
جيستائين اهو احساس جاڳي،
تيستائين آءٌ،
زمان ۽ مڪان جو حدون اورانگهي،
تون سان رهاڻ ڪرڻ ٿو چاهيان!

ﮔﮕ

## البرٽي، مُنهنجا شاعر ياءُ !

*البرٽي!
مُنهنجا شاعر ياءُ !
هر ڪويءَ جي اندر ۾،
ايشوري دِرشٽِي هوندي آهي،
جا پهاڙي جِهرڻي وانگر وهندي آهي،
چانڊوڪيءَ ڏارا وانگر چمڪندي آهي،
تون، مان پنهنجي اندر جي روشنيءَ سان،
هن ڪاريءَ رات کي پاسيرو ڪري سگهون ٿا،
خوف ۽ هراس جا ڏينهڙا ڦيرائي سگهون ٿا،
تو ڇو هانءُ لاٿو آهي؟
تنهنجيءَ مُنهنجيءَ هن جستجوءَ سان،
وستِي وستِي گهر گهر،
ميڻ بتيون ٻَرنديون،
ڌرن ۾ ڏيئن جي لاٽ ٿيندي،
انسان پنهنجن هٿن تان،
بگهڙن جا ننهن لاهي،
زيتون جو ٻج پوکيندو!
پوءِ ڪو ٻہ *ڪرشن چندر،
پنهنجي ڪتاب جو نالو ’هم وحشي هين‘ نہ رکندو!

ജ്യ

* البرٽي: پنهنجي هڪ ڪوتا ۾ چوي ٿو تہ ”اُف اسان اوندهہ کي هٽائي نہ سگهياسين“. اها سٽ منهنجيءَ دِل ۾ ڪان وانگر کُپي وئي، هڪ شاعر کي ايترو مايوس نہ ٿيڻ گهرجي.
* ڪرشن چندر: اردوءَ جو مشهور افسانہ نگار

## مایاکو وسکي کي میار

*مایاکووسکي!
تون تہ زندگيءَ جي حسن مان واقف هُئین،
توکي ماڪ ڦڙن جي شفافیت جي ڄاڻ هئي،
پوءِ بہ خودڪشي ڪري ڇڏيئي؟
ڏور ڏيهہ جا ڪوي!
تون عملي جیون ۾ وڏو ماڻهو نہ ٿي سگهین!
تو رڳو شاعريءَ کي سگهہ ڏني،
پر میدان جو مڙس نہ ٿي سگهین!
اڄ ڪاش هجین ها تون!

تون ۽ مان گڏجي،
زندگيءَ جي ساز تي نوان گیت ڳایون ها،
بادلن کان بوندون چورائي،
ٿر بر برسایون ها،
زندگيءَ جي راز جون
نیون ڳنڍیون کولیون ها،
زمین کان آڪاش تائین،
گونجایون ها!

* مایاکووسکي: روس جو انقلابي شاعر، جنهن کي زندگيءَ سان تمام گهڻو پیار هو، پر هن محبتن جي ڇُوندِ دوران زماني جي المین سبب خودڪشي ڪري ڇڏي، مایاکووسکيءَ جي خودڪشي ڪهڻن لاءِ سوال پیدا ڪري ڇڏیو.

عشق جي  ڪشتي ڪڏهن بہ ٽُٽندي ناهي،
۽ نہ وري ڪڏهين
سڪ جي سَمنڊ ڪي ننڊ ايندي آهي،
دنيا جا محرومو اَچو!
دنيا جا مظلومو اچو!
زماني جي هر تلخي ميڙي،
زماني جي الميہ مان اتساهہ وٺي،
جيئڻ جا نوان گس ڳوليون!
ماٺ ٿي مرڻ کان اڳ ۾ جيئڻ جو گس ڳوليُون.

## لورڪا ۽ آءٌ !

صدين ڪان پوءِ
لورڪا، تُنهنجو روح،
مُنهنجي اندر ۾ موٽي آيو آهي،
تو اسپين جي حسن کي شاعريءَ ۾ سرجيو هو،
آئون ٿر جي فطري رنگن کي
شاعريءَ ۾ سمايان ٿو!
ڏنارن جو ڏُنون،
شاعريءَ کي ترنم ڏين ٿيون
ڪَتين جو ڪَر موڙڻ، ٽيڙُوءَ جو ٽمڪڻ،
سانيڪن تي پوئڻن جو ڦِرڻ
پاٽيارين جو پنڌ،
اُجارين اڪين جا لُڙڪ،
مورن جا ٽهوُڪا،
هرڻ اڪين جا عڪس،
ڪارن گبڙن ۾ پيرُن جو پچڻ،
ٻاجهر جي سنگ جي جهولڻ جي آسَ
سانوڻ جي مينهن جي تمنا،
ٻڪرال جي وراڪن جا اُمنگ،
مُنهنجي شاعري جا موضوع آهن.

ജ്ജ

* لورڪا: اسپين جو آزادي پسند پيارو شاعر، جنهن جي شاعري اسپين جي جپسي لوڪن جي گيتن کان متاثر آهي.

## پيار ۽ پنڌ

نہ آءٌ ڊاڪٽر زواگو آهيان،
نہ ورِي تُون لارا آهين،
پر پوءِ بہ پنهنجو پيار ۽ پنڌ،
وقت جي *پاسترناڪ ڪويءَ جي
ڪوِتا جو موضوع آهي.

ᘜᘛ

* بريسن پاسترناڪ ويهين صدي جو نوبل انعام يافتہ شاعر، جنهن جو 'ڊاڪٽرز واگو' نالي مشهور ناول آهي، لارا ۽ ڊاڪٽر زواگو انهيءَ ناول جا لاجواب ڪردار آهن.

## هُو چاچري جو سورج!؟

ڪو لولي جي لئہ تڙپي پيو،
ڪو اَجهي جي تڙپي پيو،
ڪو اُج ۾ تڙپي پيو،
ڪو تپ ۾ تڙپي پيو
ماڻهو اڄ بہ تڙپي پيو،
اهي ڏهہ ڏينهن جن دنيا کي جنجهوڙيو-
هاڻي گهٽي تي چُڪي آ دُنيا جي تشريح
اهي ڏهہ شينهن، جن دُنيا کي بدلائڻ جو وچن ورتو هو،
تن جو تسلسل ڪٿي ۽ ڪيئن ٽُٽو؟
ڪنهن تاڻي ٽُٽو؟
جان ريڊ[1] ٽُنهنجي ڪتاب جو ڪو ٻيو ڀاڱو ايندو،
يا ٽُنهنجو روح بہ سِرڪِي سرمائي جي پاس وجي پهتو؟
مُنهنجي ديس جو هُو ساٿي
چاچري جي پِٽ تان سُورج وانگر اُڀريو
جنهن جي هڪ جهلڪ ڏسڻ جي لاءِ
ذهنن جا قافلا قطاريندا هئا.
اُن جي لهڻ جو ڪو پتو ئي نہ پيو!
وزارتن جي اوٽ وٺي،
ڱُنجي ڏُونگر مان ڱُم ٿي ويو،
۽ ڀويان گوڙهيار جو سُڄاڻ ميگهواڙ،
ڪنڻي جي ڏهر ۾ ميارن جو جهول ڀري بيٺو رهيو -

---

[1](جان ريڊ: مشهور ڪميونسٽ دانشور، جنهن سوويت يونين جي انقلاب تي Ten daye Shooke the world جي عنوان سان سحر انگيز ڪتاب لکيو.)
ڪنٺو: ٿر جي هڪ طبعي ڀاڱي جو نالو.

گوڙهيار: سرڱواسي ڪاڪي پنهُون هميراڻي ۽ سندس ليکڪ پُٽ سنڀُو هميراڻيءَ جو ڳوٺ،
چاچري جو سج: چام ساقي.

ميارون ڏئي ته ڏئي ٻه ڪنهن کي ؟
واريءَ جي واٽن تي سالن تائين وينو رهيو -
مُنهنجي ديس جو نه رڳو سج ٽڙيو،
پر منزل تان چنڊ تارا ٻه پٽڪي ويا !
ڪن ڳچيءَ ۾ ٻڌا چَنگ چَڙا،
ڪن ڪاغذن جا پاتا پڙا ،
ڊالر ۽ ڊونر فطرت ڦيرائي ڇڏي،
ڪامريڊ ڇِرڪي پيو،
پورهيت جي پيڙا منڊيءَ ۾ رکي
منصوبن جي پيشڪش ۾ مُرڪي پيو.
هر راڄ ۾ آ رنگ ساڳيو،
وقت جو آ ونگ ساڳيو
جان ريڊ! جي تو لکين ته
هر اداس المئي جي ڪٿا لکجانءِ!
۽ پوءِ آخر اهو ضرور چئجان
نيٺ ته ڦرندا، ڪيسين رهندا،
ڏينهن اُهي ئي ڏنگ هڻن ٿا
ضميرن کي زنگ هڻن ٿا!

**پيجل**

توکي حياتيءَ جي
آخري هچڪي پريندي
ڇا ياد آيو؟
راءِ ڏياچ جِي سخاوت،
سورٺ جي سونهن،
يا مايا جو موهه
جنهن جي موهه ۾ اچي
تو هي سڀ ڪجهه ڪيو هو!

**ڇُمي اڏ ۾ رهجي نہ وڃي!**

تُنهنجي ڇُمِي،
مون کي خواجہ فريد جِي ڪافِيءَ وانگر لڳندِي آهي،
مُنهنجي جانان!
اِن ۾ ايڏي دير نہ ڪر!
هيل ڏماڪن جِي رُت ۾ ڊپ لڳي ٿو ڪٿي!
تُنهنجي ڇُمِي اڏ ۾ رهجِي نہ وڃي...!

## جهانسيءَ جي راڙيءَ جي تلوار

شيخ اياز!
جهانسيءَ جِي راڻيءَ جي
ڪپيل هٿ مان ڪِريل تلوار
تو صاف ڪري
پنهنجي شاعريءَ جي مياڻ ۾ سانيي رکِي آهي
اڄ آءٌ چاهيان ٿو تہ
اها تلوار توکان اُڌاري ڪٽان
ديس ڌُروهين جا اوچا ڪنڌ لُٽان!

## ڪنهن انگ ٽُنهنجو اولڙو نہ آهي!

روز مُنهنجي گهر جي اڱڻ ۾
رابيل جي خوشبوءِ آهي،
روز پرهہ جو پوپٽ اُڏري مون ڏي اچن ٿا.
روز مُنهنجن هٿن جي گرمائش ۾،
برف جهڙو ڪو بدن ڳري ٿو،
روز مُنهنجي هٿن جي ڇهاءَ سان
جهنگلي سهي وانگر ڪا ڇاتي ڦٿڪي ٿي
روز مون ڪي ٽئگور جي نظمن جهڙا،
نيڻ پناهہ ڏين ٿا،
جن ۾ سَنجها جي ڏيئي جهڙي سُونهن آهي
اِي جي اُهاءَ جهڙو ڇٽاءُ آهي،
روز موت جي پڪيءَ جي پنڌ کان بچان ٿو،
پر ڪا صورت ٽُنهنجي سڪ نٿي لاهي
ڪنهن انگ ٽُنهنجو اولڙو نہ آهي!

**آءٌ بر جو ماڻهو**

سمنڊ جو لِهرُون سَڏن ٿيون،
تُنهنجي سڪ ۾ سامهون ٿي اچي،
ڇا تہ ڇولين جو بدن - ڇهاءُ آهي،
تُنهنجن انگن جهڙو پاڻيءَ تي اُهاءَ آهي،
زمان و مڪان جا سارا ضابطا ٽا ٽُٽن،
سوچن جا سلسلا ڪٿان ڪان ٽا ڪٿ پهچن،
سمنڊ ٿو ريشمي تاڪئي جيان کلي،
مُنهنجو رُوح ٿو تو پويان رلي،
توکي ماڻڻ جي حسرت ۾ هلندي،
ڪڏهن روئندي، ڪڏهن کِلندي،
آءٌ بر جو ماڻهو،
ڪنهن بحر ۾ گم ٿي نہ وڃان،
سِڪ جي ڏورن ۾ مُون ڪي سنيالي رکجان!

## هٽلر جو رُوحُ

هٽلر جو روح
جرمنيءَ جا جهنگل ڇڏي
منهنجي ديس ۾ واسو ڪري رهيو آهي
*بَرٽالٽ بريخت آءٌ تو وانگر
پنهنجن همعصرن جي باري ۾ سوچي رهيو آهيان.
اونداهي دور ۾
ها، هو به ڳائيندا؟

ها، هو به ڳائيندا؟
اونداهي دور جي باري ۾!
ڪو غُصي ۾ آهي،
ڪو هِراس ۾ ڏکي پيو،
مُنهنجو اکيون،
انهيءَ تصور ۾ چمڪي اُٿن ٿيون ،
هن ڏرتيءَ جو عوام ،
پيڙا ۾ پگهرجي اٿي بينو آهي

* **برٽالٽ بريخت:** جرمنيءَ جو مشهور دانشور، ليکڪ ناٽڪ نويس، جنهن ‘گليلُو’ تي ناٽڪ لکيو ۽ نازين جي دؤر ۾ انقلابي شاعري ڪئي.
- ٽر جا ڪولهي بد روح کي پنهنجي عقيدي مطابق ڪوڪا هٽندا آهن ۽ ڪنهن مخصوص وڻ ۾ ڪوڪا هڻي قابُو ڪندا آهن.

بدلايو هي دور،
بدلايو هي دستورَ!
هٽلر جي روح کي
ٽر جي ڪولهي يوپن وانگر
ڪوڪا هڻڻ ٿا چاهين!

ဢဨ

## ٿرتِيءَ جا راسُوڙا

ٺر جي سوڍن جون تلوارون ميڙي
مون انهن مان هڪ قلم جوڙيو آهي،
جنهن سان آءٌ ٿرتي جي شهيدن جا،
*راسوڙا لکي رهيو آهيان
نئين صبح جو، نئين نسل وٽ،
مٿِي ماتا آڏو سِيس جُهڪائي،
گربي ناچ سان گيتن جي گونجار ڪرڻ لاءِ
ٿرتيءَ جي گيتن ۾
ڪجھ پنهنجا گيت بہ شامل ڪريان ٿو!

---

* **راسُوڙا:** راسوڙا لفظ راسُو مان نڪتو آهي، اهڙو گيت جنهن کي ڳائيندي ناچ ڪيو وڃي. راسُوڙا ڳائيندي، جيڪو ناچ ڪبو آهي، ان کي ”گربي جو ناچ“ چئبو آهي.

## مُنهنجي هيءَ ننڍڙي دُنيا

چا آءٌ ٻيهر ڏسي سگهان ٿو؟
ڪارُونجهر جي ڪورَ تي بي خطر مورن جي مَنڪُو!
*هاڙهي جي اَجهور ۾
هنيلن هرڻن جا آزاد چال!
ڪاسٻي جي صُبح
۽ سُور اچند جِي شام جي سُونهن،
پارڪر جون هُو ڪونج ڳچيون
جن جا نِيلا پِيلا گهاگهرا
ڌرتيءَ تي تارا منڊل جو عڪس جوڙين ٿا!
آڏيگام جي سون رنگي صورت
جنهن جي سار ٻه گهاٽي وڻ جي ڇانو وانگر رهي ٿي!
موندري جا مانجهي مڙس،
مدراسي مولهياءِ ڪيسريا پٽڪا ۽ رنگين ڦينٽا!
پاري نگر جي مندرن ۾ پوڄارڻيون ۽ پيار جا پروهت!
پوڏيسر جي تلاءَ تي سُڪي ويل وڏي وڻ کي سائو ڪرڻ لاءِ
*هوٿل جو نئون روپ!
پورڻ واءِ ۾ هارين جي پرٻ تي *ڪيسوٻاءِ جي رهاڻ!
تاريخ تون شاهد رهجانءِ،
وقت مون کان ڇا ڇا نه پري ڪيو آهي؟
مُنهنجي هي ننڍڙيءَ پر خوبصورت دُنيا
آءٌ ٻيهر ڏسڻ ٿو چاهيان!!

ﮩﮩ

*هاڙهو، ڪاسٻو، سُوراچند، آڏيگام، مُوندرو، پوڏيسر، پُورڻ واءِ: تعلقي ننگرپارڪر جي ڳوٺن جا نالا.

*هوٿل: هوٿل پري، ڪيهراڙي جي پريمڪا

*ڪيسوٻاءِ: پورڻ واءِ جو راڻو ننگرپارڪر جو البيلو سردار

## مونِ وِرت جو موت

مُنهنجا مالڪ!
آءٌ *’مُونِ وِرت‘ ڪي ٽوڙڻ ٿو چاهيان،
مون کي مَندر جي گھنڊ جي قوت ڏي!
گھنڊ جڏهن وڄندو آهي،
تڏهن سوين پوڄاري اچي گڏ ٿيندا آهن،
مُنهنجا مالڪ!
ماڻ جي موت ۽ اڪيلائيءَ جي عذاب کان پناهه ۾ رک!

ﮩﮩ

*مون ورت: خاموشي جو روزو.

## نيڻ پري توکي نهاري وٺان!

تون اهڙي،
چنبيليءَ ول جهڙي،
تون روز ٽڙين ٿي
من ۾ هڪڙو گهاٽ گهڙين ٿي،
توکي آءٌ ڇُهان ٿو
سڄو سُرهو ٿي پوان ٿو
منهنجو من اهڙو
پرين، پوپٽ جهڙو
توکي چمان آنءُ،
هلڪو ڪريان هانءُ
پر انهي ڪان اڳي،
من ۾ ٿي هڪڙي آس جاڳي،
پنهنجو پاڻ تو ۾ اُتاري وٺان!
نيڻ پري توکي نهاري وٺان!
آزاد عشق جو گهوڙو،
نہ پير رڪاب ۾،
نہ هٿ واڳ ۾،
اُڇلي ڇڏي ٿو آڳ ۾ ،
نہ نيڻن ننڊ اچي ٿي،
نہ رهي سگهون ٿا جاڳ ۾ !
ڇا هيل تائين پاتو؟

**ڇا اڃا لڪيل آهي ﭘاڳ ۾ ؟**
**نئون ڪو ماڳ ماڻھن کان اڳي،**
**من ۾ ٿي هڪڙي آس جاڳي**
**پنهنجو ﭘاڻ تو ۾ اُتاري وڃان،**
**نيڻ ﭘري توکي نهاري وڃان.!**

## مِينهَن کي تو جهڙو مزاج آهي!

مِينهَن کي تو جهڙو مزاج آهي،
ڦُڙو ڦُڙو ايئن ٿو وسي،
جيئن تون وهنجي وار ڇنڊيندي آهين.
ڦُڙو ڦُڙو ايئن ٿو در وڄائي ،
جيئن تُنهنجي هٿ جي ٿپڪي ٿيندي آهي،
ڦڙو ڦڙو وسندي وسندي ائين ٿو رُڪجي،
جيئن تون ڳالهائيندي ڳالهائيندي ڪاوڙجندِي آهين،
مينهن کي تو جهڙو مِزاج آهي،
ڦُڙي ڦُڙي جو پُور ائين،
تُنهنجي من جي موج جِئين
ڪڏهن ريلي ٿو ڇڏي،
ڪڏهن ييلي ٿو ڇڏي،
ڦُڙي ڦُڙي جو ڪڏهن پُسائڻ اهڙو
تُنهنجي پيار جي پاڪر جهڙو
ڦڙي ڦڙي جو ڪڏهن ترسائڻ اهڙو
تُنهنجي تڙپائڻ جهڙو
مينهن کي تو جهڙو مِزاج آهي!

## منھنجي ديس جو چنڊُ

ٽر جي چوئنرن اڳيان
ڏُور پريان ڪُونيٽن تان
چنڊ چمڪي ٿو
ڪو داغ نہ آهي دامن تي
مُنھنجي ديس جو چنڊ ڪيڏو ڇِٽو آهي،
وارِيءَ تي جنھن جي چانڊوڪي
ائين لڳي ٿي
ڄڻ ڪنھن جي سارَ ساهن ۾
چنبيلي ول جيان لڳي ٿي !
هن چنڊ جون ڪيئي ڪھاڻيون آهن،
جيئن ڳوٺ ۾ جھومندڙ جواڻيون آهن،
هيءُ جُڳن ڪان جھونو آهي،
پرنت نئون تي اُپري ٿو،
ڪنھن الھڙ جيان سنبري ٿو
ڪنھن مخمور مصور جيان
ڪنھن جا روز عڪس اُڻي ٿو!
ڪنھن کي چنڊ ماڻي ٿو!
اهو ڪنھن ڄاتو آهي؟
ڪنھن سان چنڊ جو ناتو آهي!؟
عاشقِيءَ ۾ مُنھنجي ديس جو چنڊ آزاد آهي،
جيڏو چنڊ تي ڪتا ڀاهن ٿا
ان ڪان وڌ چنڊ کي عاشق چاهن ٿا،
پنھنجي مٽي ماتا ۽ محبوبن جُون
چنڊ سان ڳالھيون ڪندي نہ ڍاپن ٿا.
تن جا چنڊ ڪيڏا راز رکي ٿو.
ڪيئن هن جي من ۾ ماپن ٿا!
ڪيئن ٿو رومال تي پرت پرجي،
ڪيئن ٿا بانسريءَ مان سُرنڪرن،

ڪيئن اوسيئڙي ۾ ٽيون اکيون وڇائجن،
ڪيئن آڌيءَ جو ٽا ٽڌا ساھ اُيرن،
ڪيئن وار ٽا اونداھي ڪن،
ڪيئن ڪنن جون والُيون چَمڪن ٽيون،
ڪيئن چيرن جو چمڪو ٽئي ٽو؟
ڪيئن دلڙيون دڙڪن ٽيون
ڪيئن ڌرتيءَ لئہ سِر دان ٽئي ٽو.
ڪيئن وچن ٽا ويڻ ٻڻجن!
ڪيئن غدار ٽا سيڻ ٻڻجن!
مُنھنجي ديس جو چنڊ سڀ جو ساڪِي آھي،
ڪنھن اونداھ اگڻ ۾ چنڊ ئي روشني آڻي ٽو
ڪو پيٽ بکايل ٻارڙو چنڊ کي لولو ڄاڻي ٽو
ڪو مکتيءَ جي لاءِ چنڊ کي پوڄي ٽو؟
پر چنڊ ڇا سوچي ٽو؟
اھو ڪنھن ڄاتو ناھي؟
چنڊ ڇا لوچي ٽو؟
اھو ڪنھن ڀاتو ناھي!؟
پنھنجي پر ۾ چنڊ بہ ھڪڙي پرولي آھي،
ڏُکِي بہ آھي، سولِي بہ آھي.

### هُن اڳيان هِي نماڻِي دل

هُن کي هٿ ٻہ پنهنجو
هُن کي هوڏ ٻہ پنهنجي
هُن جي اڳيان هيءَ نماڻي دل
نت سدائين سياڻي دل
ڪائي آرزو، ڪائي تمنا
ڪڏهن اظهاري نہ سگهي -
هن وٽ پيار ۾ جيتڻ ڇا؟
پر ڪڏهن هاري نہ سگهي!
هر داءُ دل جو اڌورو رهيو
هر گهاءُ دل جو اڌورو رهيو
سدا هُن کي کُلائڻ لئہ
لڙڪ پنهنجا لڪائي رکيا

ارمان پنهنجا دٻائي رکيا
هن جي انگل آرن آڏو
درد پنهنجا ڀُلائي رکيا
هُن اڳيان هيءَ نماڻي دل
نت سدائين سياڻي دل
حسين هن دُنيا ۾ ڇا ڇا،
وڪ وڪ تي سڏ پڙاڏا!
پر دل کي پنهنجي سادگي،
تصور ۾ هر ٿاڻي هُو ،

تخيل ۾ هُن جي تازگي،
ڪڏهن سوچ جو پڪيئڙو
هُن تان اُڏاري نہ سگهي -
رڳو تنهائي تڙپ ڏئي
هُن کي ڏيکاري نہ سگهي
هُن اڳيان هيءَ نماڻي دل
نت سدائين سياڻي دل
هُن کي ڪوڏ بہ پنهنجو
هُن کي لوڏ بہ پنهنجِي!

## ڪڏهين منهنجي جا نان!

ڪڏهين جانان تُنهنجو ٻانهون
مون تي ولين جيئين ورنديون،
ڪڏهين تُنهنجي وارن واس ۾ ،
مُنهنجون راتيون سڀ گذرنديون،
ڪڏهن آءٌ تُنهنجي ڳچي چمندس،
ڪڏهن من ۾ ڪنول ٽاريون ٽڙنديون،
ڪڏهن ڊِٻيل ڊٻيل دانهن اُڀرندي،
ڪڏهن ڪانچ جون چوڙيُون ٽٽنديون،
ڪڏهن تنهنجي رَئي ۾ مُنهنجو روح ويڙهبو
ڪڏهن تُنهنجي دامن ۾ پنهنجي دل ڳوليندس
ڪڏهن مون ۾ *رس لين جو واسو ٿيندو -
ڪڏهن آءٌ توتي رنگ درپن لکندس
ڪڏهن *ريتِي ڪال جو نئون دور ايندو ،
ڪڏهن آءٌ *پدماڪر جو پنڌ هوندس.

---

* **رس لين**: هنديءَ جو خوبصورت شاعر، جنهن جو اصل نالو غلام نبي هو، '**رنگ درپن**' رس لين جو مشهور ڪتاب آهي، جنهن ۾ هن عورت جي سپني انگن سان تشبيهون ڏنيون آهن، ريتي ڪال جي رواج موجب محبوب جي ساري جسم کي چٽيو آهي.

* **ريتي ڪال**: ڀڳتي تحريڪ جي خاتمي ڪانپوءِ هنديءَ ۾ 'ريتي ڪال' جي تحريڪ شروع ٿي، جنهن ۾ ناريءَ جي پيار کي اهميت ڏني وئي.

* **پدماڪر**: هنديءَ جو پيارو شاعر، جنهن عشق جي مستيءَ ۾ گيت چيا آهن.

## جذبا روز پنڌ ڪن ٿا

هڪڙي ٽولِي وڃي ٿي،
ٻي ٽولِي اچي ٿي،
جوڳين سان پٺ وسيل رهي ٿي!
هو روز پرهه جو جوڳين جي،
جُهڳِيءَ ڏانهن نهاريندي آهي!
ءِ پوءِ ڇا ساريندي آهي ؟
لُڙڪ پنهنجا لڪائڻ لئه،
پوتِي جو پلئُ واريندي آهي !
ٿڌي ساهه ۾ ويڙهي پنهنجا سُور،
ڳالهه مان ڳالهه ٽاريندي آهي!

ڏينهن سڄي ۾ ڪو ڏيک نه اهڙو،
پر شام جو هڪڙو،
موبائيل تي ميسيج اُماڻيندي آهي،
جوڳين جي ڏوٽيءَ وانگي،

ڏُکي تي دل منهنجي،
جذبا روز پنڌ ڪن ٿا،
تون وڻين ٿو هٿڙو منهنجو،
جڻ پيار جي پٽ تي ساهي ملي ٿي،
دل جي ڪشڪول ۾ ٻه چار اجلي چُميون،
پوءِ وري پنڌ ڏئي ڇڏين ٿو!
جوڳين جي ٽولِيءَ وانگي،
روڳين جي ٽوليءَ وانگي،
ڪاش ڪڏهن ترسائين تون!
مون کي ايڏو پيائين تون!
پنڌ جي پيڙا ڪان جذبا ڇُٽي پون،
تنهنجي نرم پاڪر ۾ سمهي پون.

ജ്ഞ

## رُوپلو ڪولهِي

هو هڏ ماس ڪان مٽي،
مٽيءَ جو سڏ آهي،
جُڳن ڪان گڏ آهي،
ڪهڙا ڏسين ٿو
پيڙهين جا پوتاميل؟
ڪوڙا ڪتابن ۾،
ڪيئي شجرن جا ڪيل،
روپو هر روح ۾ رهي ٿو،
جو ڌرتيءَ لئه تڙپي ٿو،
روپو هر جذبي ۾ جرڪي ٿو،
جو وطن لئه وڙهي ٿو.
روپو هڪڙي ريت آهي،
آدرشن جي جيت آهي!
هر نسل جنهن تي جهومي،
اهڙو انوکو گِيت آهي،
ماءَ جي لوليءَ جهڙو ،
مور جي ٻوليءَ جهڙو،
ڪارُونجهر جي ڪا ڪٿا آهي،
هڪڙو ناهي، جٿا آهي،
پنهنجي قلم ڪاڳر ۾،
سوچن جي ساگر ۾،
روپي ڪي آڻڻ لئه،
روپي ڪي ماڻڻ لئه،
مِٽيءَ سان مُحبت تِي گهرجي،
مِٽيءَ سان مُحبت تِي گهرجي،

ڌرتيءَ جي هر شهيد جي عظمت،
آچپي جي هر عيد جي عظمت.
جيڪو ڄاڻي ٿو ،
سوئي آڻي ٿو .
تازا گل پيٽا جا ،
ڇا آهي تنهنجي جهوليءَ ۾ ؟
رهين ٿو ڪهڙي ٽولي ۾ ؟
پنهنجو پاڻ کان پڇ تون،
پوءِ اهو ڏس تون !
رُوپي جو ڪهڙو اولاد آهي؟
ڪهڙي مُٺ هڏين جو فولاد آهي؟
ڪهڙي ڄيجل جو ڪريو ڪير؟
ڪهڙي منهن ۾ ٽِج مهڪي ٿي،
ڪنهن جو رت ٽِهڪي ٿو،
روپو ڪنهن جي رُوح ۾ رهي ٿو!

## حشو ڪيولراماڻيءَ جي نالي!

روح حَشُوءَ جو سنڌ ۾ رهيو،
بُتِ هُن جو پارت ويو،
سنڌ جي فڪِري فانُوس ۾.
اڄ بہ تيل
هن جي تعليم جو آهي،
جنهن بہ جُهڳيءَ ۾ آ ماڻهپو موجود،
اهو هن جي پرچار جو پرتوو آهي!
چالاڪي هن لاءِ ڪوڙو سڪو هئي،
ٻهراڙيءَ جي ڄٽ وانگي،
هو ڄاڻندو هو رڳي جذبات،
هونئن هن جو من هو مينهن ورساڙن جهڙو،
پر ڌرتيءَ جي غدارن لاءِ ڪهاڙن جهڙو،
هن جي رُوح جو واسو،
ڌرتيءَ جي پوڄارن ۾ اڄ بہ رهندو اچي،
تخيل جي اڏارن ۾ اڄ بہ رهندو اچي،
رڪ تي وئي ديهي هن جي،
سا تہ نيٺ ٽيڙي هئي،
تون ارمان نہ ڪر اهو،
پاڻ تہ آهيون فِڪر جا پوئلڳ،
پنهنجي من ۾ روز وسي ٿو،
روح حَشو جو روز ڏسي ٿو !

## عمر جو آخري ڏيئو

مُنهنجا مالڪ!
زندگِي پوئين پهر تي اچي.
سنجها جو تارو اُڀري.
انهيءَ ڪان اڳي،
مون کي ايتري سگهہ ڏجان.
عمر جو آخرِي ڏِيئوهن لئہ ٻاري سگهان!
هن جي سونهن تي روز هڪڙي سٽ سرجيان ٿو،
هوءَ منهنجيءَ ۾ گل وانگر ٽڙي پئِي آهي،
هن جي عشق ۾ هي عمر ٿورِي آهي،
پرجيڪا بہ آهي.
تنهن ۾ هن جي حسن تي هڪڙو گيت مڪمل ڪري
هن جي وجُود جو واسُ من ۾ اُتاري سگهان!
عمرجوآخري ڏِيئوهن لاءِ ٻاري سگهان،
مون هن کي چاهيو آ،
هُو مُنهنجِي قِسمت ۾ نہ آهي تہ ڇا ٿيو؟
هو منهنجي دل ۾ آهي،
هڪ وار جيترو جنهن ۾ ويڇو نہ اچي!
ساڳِيءَ شدت سان هن کي پُڪاري سگهان!
عمر جو آخري ڏِيئو هن لاءِ ٻاري سگهان!
هن جي پيار مون کي پڙهايو،
هن جي دلبريءَ مون کي دڳ لايو،
شعور جا روز نُقطا نوان،
هن جي سِڪ آ ڇا ڇا سمجهايو،
پنهنجين ڏهن آڱرين تي ساري سگهان!
عُمر جو آخرِي ڏِيئو هن لاءِ ٻاري سگهان!

ꕤ

## مون خزان ۾ جنم ورتو آهي!

مون خزان ۾ جنم ورتو آهي،
بهار ۾ فنا ٿيڻ چاهيان ٿو.
آءٌ تنهنجي لاءِ
خطرناڪ خواب
ڏسڻ لاءِ تيار آهيان،
پر ڪڏهن
منهنجي حقيقت کي
ميرانجهڙو نہ ڪجانءِ!
آءٌ تنهنجي دردن ۾ راتيون
روئڻ لاءِ تيار آهيان.
پر منهنجي
صبح کي ڪڏهن اُداس نہ ڪجانءِ!

ꕤ

## ٻُڏو ناهي ٻوڏ ۾ رُڳو گهر مُنهنجو!

ٻُڏو ناهي ٻوڏِ ۾ رڳو گهر منهنجو
هر روح ۾ ريلا وهيا آهن
مڙهه مقامِ ميلا ڊهيا آهن،
ڳٽپ تي آيل ڳيُرو تو کي سمجهه کهڙِي؟
هِي مُنهنجا لُڙڪ کيئن لُڙيا آهن؟
تنهنجي هٿن ۾ هي چار پَنا
پر احساس کان خالي آهن
تنهنجو لهجو بہ اهڙو،
جڻ رت ڳڙهه جي چالِي آهين،
منهنجي ڏُکن تي تنهنجي ڏهاڙِي
تون پئسي جو پالِي آهين!
مُنهن کي مروڙو ڏئي
تو هڪ لفظ ۾ لکِي آهہ جُهڳي
پوءِ پڇين ٿو بس هيءَ رُڳي؟
تو کڏهن پکِيءَ کي آکيرو جوڙيندي ڏٺو آ؟
سَنجها جو ٽڪ ۾ پر سوريندي ڏٺو آ؟
توکي سمجهہ ۾ نہ ايندو!
هي منهنجو ڏُک کڏهن،
منهنجيءَ ٻُک تي بابلا!
کيترن اڳ ۾ آ ڍءُ کيو!
هاٽي بہ جيکو وٽيوَ وجي کيو،
رات ٻُڌائِي پئي ڳوٺ جي نوجوان،
ڪئمپ جي ڪتا،
ڪامورن جي ڪمائي،
۽ اين. جِي. اوز جا پتا،
سياست جي ميرِي آرسِي،
۽ ڪرپشن جا عڪس چٽا!
هي مُنهنجا کُهرا ۽ پورهيت هٿ،

لَک لُکاسٽا هوندي ٻہ،
هڪ مالڪ جي ذات کان سواءِ،
ڪنهن جي اڳيان ناهن ڪڏهن ٻُک ٻٽيا!
هي ڏينهن ٻہ ڏاتار اُڪاريندو،
تون تہ ڏهن ڏينهن کان پوءِ آهين پهتو!
اهو ٻہ تنهنجو آءٌ احسان سمجهندس،
توڙي جو تو وٽ منهنجو ڪو احساس نہ آهي،
پيار پنهنجائپ جو ڪو واس نہ آهي،
هل تہ هلي ڪنهن وڻ جي اوٽَ ۾،
توکي چانهہ جو ڪوپ پياريان،
ٻچن سَريڪِي جيڪا رڌل آ،
ربِ ڪارايان!
ٻوڏِ کان اڳ ۾ جي اچين ها،
گهر جي حال کان ٻہ مٽي،
هتان هُتان ڪري تنهنجي مهماني ڪريان ها!
آءٌ پنهنجن دردن کي ميڙي ونندس،
وري پٽ تي پنهنجو گهرڙو جوڙي ونندس،
تون خدمت جي ڪنهن ڪميءَ تي دل ۾ نہ ڪجان!

## سانتِ کي ٽوڙ جي!

ماٺ، ماٺ، ماٺ
ڪيئن ٽجي ماٺ !
ساهه ڪڻڻ بہ هڪ آواز آهي،
جيئرو ماڻهو ساهه ڪڻندو آهي،
سانت کي ٽوڙيندو آهي،
تون مون کي سمجهائي رهيو آهين.
مون کي چُپ جي لاءِ جتائي رهيو آهين.
پراُءِ زندهه آهيان
زندهه آهيان تہ ساهه ڪڻندس،
سانت کي ٽوڙيندس!

## شهيد جو رُتبو

هر محب وطن جو ڪردار،
تاريخ کان وڏو هوندو آهي،
ڌرتيءَ جي شهيد جو رتبو
لفظن ۾ لکي نہ سگهبو آهي
آءٌ سِج اُڀرڻ کان اڳ ۾
ڪارونجهر جِي ڪور تي پهچڻ ٿو چاهيان،
ڪارُونجهر جي اُوچيءَ چوٽيءَ تان بيهي!
مون کي پنهنجي ڌرتيءَ جي شهيدن
۽ اَڏول ڪردارن کي
لُڙڪن جي پيتا ڏيڻي آهي،
مورن جي ٽُهوڪَن
۽ راسُوڙن جي رِيت ۾
سرخ سلام ڪرڻو آهي!
انهيءَ لاءِ آءٌ ڪنهن کان اجازت وٺان؟

## لورڪا جو فِڪر

فاشي آمريت جا رکوالا !
تنهنجي وس ۾ رڳو
قرطبہ ۾ لورڪا جو لاش لڪائڻ هو،
لورڪِا جو فِڪرُ
وڻ- ٻوٽي وانگر وڌندو رهيو،
صديون سُرهيون ٿي ويون .
آءٌ ٽر جي پٽن ۾
وقت پُجاڻان
لورڪا کي ڳائي رهيو آهيان،
ڪويءَ جي هر ٻول کي
مجر ۾ مهڪائي رهيو آهيان !
پر تون ،
مٽيءَ ۾ *ماٽو ٿي وئين!
تنهنجيءَ قبر جي پرسان
ڪُتو بہ نٿو گذري.

ﮗﮘ

---

* **ماٽو:** ڪِلُون وڪندڙ چَمار اڻ رڱيل کل کي رڱڻ کان اڳ ۾ خُشڪ ڪرڻ لاءِ مٽيءَ جي مٽ ۾ وجهي ڪُجھ وقت لاءِ زمين ۾ پوري ڇڏيندا آهن، جيڪو بيحد بَدبُوءِ دار هوندو آهي.

## جيئڻ جو اُتساهه

نہ ڪڏهن آڱر پنهنجيءَ تي
هن جي ڇڱ ويڙهي سگهيو آهيان،
نہ ڪڏهن هن مُنهنجي
تپندڙ پيشانيءَ تي هٿ رکيو آهي،
نہ ڪڏهن هُن جا چپ چُميءَ لئہ وڌيا آهن،
نہ آءٌ ڪڏهن هن کي ٻانهُن ۾ ويڙهي سگهيو آهيان !
هُوءَ منهنجي خيالن ۽ خوابن ۾ روز ٿي اچي
هُن سان اُڌوري وابستگي ئي سهي،
پر جيئڻ لاءِ ڪيڏو اُتساهه ارپي ٿي...!

ꙮ

## دُعا

مُنهنجا مالڪ!
مون کي سمنڊ جي اُها لَهر بڻاءِ
جيڪا چنڊ کي چُمڻ لاءِ روز وڌندِي آهي!
منهنجي جيون جي هر گهڙِيءَ کي
پُونم رات جهڙو جوڀن ڏي!
منهنجا مالڪ!
آءٌ سوچن جي صحرا ۾
خوابن جا وڻ پوکي رهيو آهيان،
سي سڀ ساڀيا ۾ ساوا ڪر
ته جيئن انهن جي گهاٽيءَ ڇانوَ ۾،
دردن جا ماريل مسافر
ساهي پٽي سگهن!

## وجي ڳوٺ پنهنجي وِسارين مَتان !

عيد ۽ ديواليون
سڀ رسمن جون ڳالهيون!
مون لاءِ عِيد پرين !
تنهنجي دِيد پرين !
وجين ٿي ڳوٺ پنهنجي وج،
پر منهنجي هڪڙي ڳالهه مڃ،
وجي ڳوٺ پنهنجي وسارين متان،
موت ڪان اڳ مون کي مارين متان!
تو لاءِ هونديون چاهتون سوين،
رُوح ريجهائينديون راحتون سوين
ڪٿ منهنجي ڪمي پائين،
ڏئي ٺهڪ سهيلين ۾،
اڪڙين ۾ نمي نه پائين !
وري جڏهن مٽي ورڻ ٿئي،
تون هجين بدليل بدليل
مون لاءِ اهو ڏينهن ڳِرهڻ ٿئي،
روز رات جو سُمهڻ ڪان اڳ
صبح اُٿڻ ڪان پوءِ،
هڪڙو پل سارين پرين !
مونکي ڪونه وسارين تُون!

## ڪاري پاٽيءَ جي سزا

اَڄ اَڄ منهنجا ياءُ اڄ!
اِندمان جِي چانڊوڪيءَ ۾
پنهنجي وڏڙن جا هڏا ميڙيون،
ايئن جيئن ٽر جا ڪولهي،
وسڪاري ۾ جڙِيون ٻُوٽيون ميڙيندا آهن!
پنهنجن وڏڙن جا هڏڙا
ڪاري پاٽيءَ ۾ رهندي ميرا نہ ٿيا آهن،
مِٽيءَ جو آدرش
چنڊ جي روشنيءَ ۾ اجا چمڪي رهيو آهي.

# اَٹپُورا شعر ءِ بیت

تو کي چاهيو سين،
ياڳ کي ناهيو سين.
ڪاري جيون ۾،
چنڊ لاٿو سين.

تو کي ساري جي ڏنوسين،
درد ڏاري جي ڏنوسين.
پوءِ بہ دوريون درميان ۾،
گڏ گذاري جي ڏنو سين.

راتين جا رولاڪ اسان،
تون گُل آهين ماڪ اسان،
تنهنجي دوري باھ برابر،
ٿي ويندا سين خاڪ اسان!

منهنجي اکين ۾ پيار رهي ٿو،
سُونهن جو هڪ سنسار رهي ٿو،
منهنجي من ۾ محبت جذبو،
تو وٽ سانئڻ خار رهي ٿو.

ساري سڀ لاٽُون، ’سُوجاويري‘ سُونهن جُون،
*وٺ سنديُون واٽُون، ور ور واجهايان ميان!
--
آيو ڦڳڻ ماس، ٽِڙيُون ڦوڳن تاريُون،
گهوريو پنهنجو ساس، * منڌ جيان مون مُند ڏسي.
--
رڻ ڪنڌيءَ تي ڳوٺ، پوءِ بہ رات سُڳنڌ ۾،
مون کي تنهجي ڪوٺ، امرت آڇي آ وئي.
--
جهومڪ جُهلن جيئن، ڳاڙهي رُوپ ڳِتول تي،
ڦوڳ ڦلاريا ايئن، مڙها واسي *موهہ ۾.
--
ڏوڏي وانديو ڏيک، مُور نہ وسري من ڪان،
صورت سونِي ريک، چُري پئي ڪا چِت ۾ !
--
ويسا ويڙهہ نہ ورت ڪي، سانگوري نياڻ،
پاٽيءَ لپ ڙي آڻ، مون کي اُڃ ازل جي.
--
رِڻ ڪنڌيءَ تي چنڊ، مون ڪان ٿو نِت نِت پڇي،
ڇا تون ويندي مَنڊ، ايئين ڇڏي اَڌ ۾.
--

* وٺ: ٿر جي هڪ طبعي ياڱي جو نالو.
* منڌ: خوبصورت عورت
* موهہ، مَوراتلي، سُوجاويرِي، ڏوڏي وانديو، روحل، ٿر جي ڳوٺن جا نالا.

ٻٽ تي ڏيئو ٻار، اُٺ اُ ٺ ٽريا نند چڙهي،
آئي انڌوڪار، جا ريلي ٽي روحل ڪي.

--

موراتلي جو ماڳ، چتر ٻولِي ماڻهپو،
پِرڪرتِي جو راڳ، گُونجي نِت ڳانءُ ۾.

_

اونچا ارڏا آڪرا، ڪارُونجهر ڪولهي،
راسوڙن ٻولِي، گونجي نت نِت ڳانءَ ۾.

ايئين 'عالم سر'، اکين آڏو اُپريو،
جيئين ڪڪرن ڪر، برسِي ڪنيو پِٽ تان!

ڪتين جي ڪنمال، گوري ٽر جي ڳانءَ جي،
پورائيءَ ۾ پال، مون تي تو محبت ڪيا.

حُور پريَن جو هنڌ، ڪونہ سُجهي تَنهن جي اڳيان،
سونهن سندو سوڳند، وينگس سُندر وَٽَ جي.

جيجل تنهنجي چانءِ، هيل نہ هوليءَ ڏِڻ تي،
منهنجي دل جي دانهن، ڦاڙي ٽي پئي اُپَ ڪي.
او جيجل تو بن، آيو هوليءَ ڏِڻ آ،
روئي منهنجو من، ڳولي توکي گهرَ ۾.

نيٽڻ نند اُڏي وئي، تڙپيو منهنجو هانءُ،
ڪڏهن توکي آنءُ، ٻابل! آٽيندس ٻکَ ۾.

چڳ چنبيلي ول جئن، هُو مون تي واري،
ڪڏهين سمهاري، ٽي ٻيهر مون ٻکَ ۾.

پوڏيسر پرسان پيو، پاپيهو پولي،
روئاري رولي، توبن مون کي ٿر ۾.

سپنا ساري رات، آيا منهنجي اکين ۾،
وائي آئي وات، ڳايان تنهنجي ڳانءَ کي.

سپنا ساري رات، آيا منهنجي اکڙين ۾،
پڌري ٿي پريات، ساري تو سامروٽيءَ ۾،

ڪڏهن مون سان نيٺ، ڪندين قرب ڪهاٽيون،
ڪارن ڪبڙن هيٺ، مِٺيون مِٺيُون ڳالهڙيون!

ڪيڏا واس ڏنا، ٿُلسِيءَ ٻوٽي جِيئن تو،
مُنهنجا نيڻ پِنا، ساري تو سُرهاڻ کي.

پرسان بيٺي هوءَ، هينئين هيرون آئيون،
چنبيلي خوشبوءِ، جڻ مهڪايو من کي!

چاتيءَ جا ٻيڙا، ڪولي چِرڪي چوڪِري،
هِي هيل پڳيئڙا، مُور نہ رهندا ماٿِ ۾!

*سَڙيل گهر – سامانَ ۾، چا چا مان ڳوليان،
ڪنهن وٽ مان ڪوليان، ڏُکڙا پنهنجي ڏِيل جا.

ويو وَکر سان گڏ آ، جَلِي مُنهنجو جِي،
ڪنهن جي در ٻِيهي، ڏيکاريان مان ڏُکَ کِي.

---

* تعلقي مٺيءَ جي ڳوٺ مالٺهورويٽا ۾ اوچتي باهہ لڳڻ جي ڏُکدائڪ واقعي تي لِکيل.

وِک وِک تي لِيکا، کيڏا نانگ بلائن جا،
پائي *جهاڙولا، ڏوڙِي ڳولن ڏُٿِ کي.

* **جهاڙولا:** نانگ بلائن جي ڏنگ کان بچڻ لاءِ ٽر جي مارُو لوکن طرفان جُتيءَ مٿان
ڄنگهن تائين پائجندڙ چمڙي جا جوراب.